

Gul Hayat Institute

# ٻَڙي چانوَ ٻَگي ڪمان ڳهائي

## شيخ اياز

28 جون 1988

[illegible]

[illegible]

[illegible]

[illegible]

28/6/88

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

پڙ جي ڇانوَ اڳي ڪمان گهاٽي ۾ پيا نظم

# ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي ۽ ٻيا نظم

(شاعري)

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1988ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ست

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد. |
| پهريون ايڊيشن | جون 1988ع |
| ڪيليگرافي ۽ اسڪيچ | فتاح هاليپوٽو |

قيمت 30/- رپيا
پڪي جلد سان 50/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

BURR-JI-CHHAUN-A- AGEY KHAUN GHATEE AAEEN BIYA NAZAM.(Poetry)written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed Hyderabad Sind. Pakistan. First Edition June 1988. Price Per Copy Rs. 30/-

Gul Hayat Institute

پنهنجي پياري دوست
مرحوم رشيد ڀٽيءَ
جي نالي

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# فهرست


| عنوان | | صفحا |
|---|---|---|
| مهاڳ | محمد ابراهيم جويو | [13-14+١-١٤] |
| ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي | | [١٧-١٣٩] |
| مان ڪنهن جهوني ٻڙ جئن آهيان.... | | ١٧ |
| چنڊ سان چمڪي نيڻَ.... | | ١٩ |
| تو ڏسي حيران ٿي/چنڊ دروازي مٿان ... | | ٢٠ |
| تون نہ آئي آن اڃان.... | | ٢١ |
| تو وِچ ۾ واهڙُ وهي.... | | ٢٢ |
| مان آئين ئي آزمايل.... | | ٢٣ |
| ڇڻ نہ ڪا آهين پڪار.... | | ٢٤ |
| ڇا چوان؟ پل پل وڃي ٿي/رات پر.... | | ٢٥ |
| ڇو وَڏي آهين لڏي؟.... | | ٢٦ |
| ڇا تون مور نہ اڇڙي آهين؟.... | | ٢٧ |
| منهنجي من ۾ جو رستو آ.... | | ٢٨ |
| آ سدا لوري لڳي.... | | ٢٩ |
| ڪاش! مان تو لئہ مران!.... | | ٣٠ |
| جنهن مان تنهنجو واس اچيَ تو.... | | ٣١ |
| منهنجو منهن جهونو ٿي ويو آ.... | | ٣٢ |
| ڇا هي ساڳي گهر جو در آ.... | | ٣٣ |
| ڪنهن ڦهلايو رنگ شفق جو.... | | ٣٤ |
| زندگيءَ ۾ اعتبار/پيارَ تنهنجو آهہ پيارُ.... | | ٣٥ |
| رات صُراحي آهي، جنهن ۾.... | | ٣٦ |
| سنجها ڏاڍو ،جئن ايندو آ.... | | ٣٧ |
| ڪونج وانگر تو ڦران مان ... | | ٣٨ |


Gul Hayat Institute

توُن مٿان اِئين سمجهين.... ٣٩
توُن اچين ٿي!/ توُن اچين ٿي!.... ۴٠
پيارَ تنهنجو انتظار.... ۴١
ٿي ٻري شعلي جيان.... ۴٢
ڪاري رات ڪِر ڪوئن ٿي.... ۴٣
توڙي ڪيئي سال اسان آ/هڪٻئي لئه واجهايو.... ۴۴
ڪيئي ڏڪ لنگهيا آهن مون.... ۴٦
ٻيو نه هجي پر منهنجي ڪؤتا.... ۴٧
ڏور ٻه ڏس اي ڏيسيئڙا!.... ۴٨

هيءَ گهٽي جا دور ڪُٽي ٿي.... ٥١
نينگرڙا! ڇو واٽ وساري/آ تو.... ٥٢
ماڻهو چنڊ تي ويو آهي.... ٥٣
اُٺ ته ٻاهر ڏسون ڇا نه گهمسان آ!.... ٥٥
ڇا رکو فهرست ۾ توُن نانءُ ٿيندين.... ٥٦
هڪڙو ماڻهو ڪافي آهي.... ٥٧
اڄڪيءَ جو خونخوار درندا.. ٥٨
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!.... ٥٩
روز جهولو لڳي روز پيرون پڇن... ٦٠
زندگي! دؤر جي قيد ٿو رهان.... ٦١
اِئين لڳي ٿو اي آزادي!... ٦٢
منڊلي تارن ٻري آڪاس جي... ٦٣
ڊر ٿتي! ڊر ٿتي! جاءِ ڪاڏي ته ڏي!.. ٦۴
تنهنجي منهن تي ڪيري آهي.... ٦٥
منهنجي ذات اڃان ٻه ته آ.... ٦٦
عمر توُن منهنجي گهٽائيندين ته ڪونه!.... ٦٧
سرد ڏاڍي آهه رات.... ٦٨


Gul Hayat Institute

هُو چون ٿا هيئن ڇو.... ٦٩
تانتيا ٽوپي اڄان/مون اڳيان لنڪي پيو.... ٧٠
'دنيا ڊونڊ تهي طالب ڪُتي'.... ٧١
نانءُ تہ هن جو 'آجو' آهي.... ٧٣
تنهنجا گيت پڙهائي تنهنجي/جنگ پيا جوڙين.... ٧٤
هي ڇوڪرا، جي چانڊوڪيءَ ۾.... ٧٥
دردِ محبت ڇا ڏيندو آ.... ٧٦
دور لتاڙي/پنهنجي اندر جي ماڻهوءَ کي.... ٧٧
سنڌين لڳين ڪوئي بہ تہ ناهي.... ٧٨
سنڌوءَ جو پاڻي تہ مٺو آ.... ٧٩
تتر ٻولڻو/پڃري ۾ ڇو پالين ٿو؟.... ٨١
مانسروور مان جڏهن سنڌو.... ٨٢

اڄ تون مان پڻ شعلن وانگر.... ٨٣
ڪيتين ٿو ڪاتار/ڇا تون پنهنجي من ۾؟.... ٨٤
سات پنهنجي ٿو نيان.... ٨٥
اهڙو وقت اڃي ويو آهي.... ٨٦
ڇا، اُها گهڙي آئي.... ٨٧
ڪنهن ڪتاب وانگر اڄ.... ٨٨
ڏيٺ ڏن درختن جڏهن.... ٩٠
پُنءِ اِها، اِهي پاڻان!.... ٩١
جيترو گنيير آهيان/اوترو آسان ناهيان.... ٩٢
دور شفق جي مينارن تان.... ٩٣
موت تي ڪهڙي ميار.... ٩٤
راتڙي آهي اڄان ... ٩٥
ڪالهہ ڪنهن طوفان جهي/هيءَ هئي گهيراو ۾.... ٩٦
گيت سنمهہ سان ڇنندو ناهي.... ٩٧


Gul Hayat Institute

موت جڏهن مهمان ٿئي ٿو.... ٩٨
چاڙهي پوري ٿي، لاهيءَ ۾/ريل وڃي ٿي ٿو.... ١٠٠
سڄ لهي سانجهي ٿيو،.... ١٠١
پکي پره جا چٌون چٌون ڪن ٿا.... ١٠٢
شمعدان جنهن/هر گهرٌ آهي، ١٠٣
چورن وانگر/خوب خزانا.... ١٠٤
گذري رات ٿري ويا تيڙو.... ١٠٦
رات پر ڪائي پڪار ... ١٠٨

سِٽ" سِٽ" ۾ پشڪن.... ١١١
سنگ مرمر صورتون/ٿِي جڏهن پيدا ڪري،.... ١١٢
قرطبه ۾ ٿا لٿن.... ١١٣
آءٌ وڪرم آهيان/آءٌ ڪاليداس پي.... ١١٥
ڪاليداس اڄين ۾/پوڇي پيو مورتي.... ١١٦
ياد اچي ٿي ڪا تصوير ... ١١٧
'فيض'، 'حڪمت' ۽ 'نرودا'.... ١١٩
پاچاوَن تي روشنيون ڇڻ.... ١٢١
هيءَ سنجها جي جوت هئين ۾.... ١٢٢
جي نه هيلن آ نه هومر آهه .... ١٢٣
شوپنهار چيو آ.... ١٢٤
نيٺ ايندين، نيٺ ايندين!.... ١٢٥
دارا سان نه نياڻي سرمد.... ١٢٧
نيٺ ته ايندو/نيٺ ته ايندو.... ١٢٨

ته - سٺا [١٣٣—١٣٩]


Gul Hayat Institute

وڻجارا ! واپار؟ ١٤١
مان ۽ تنهنجي سارَ.... ١٤٢
چنڊ پيو ناريءَ ۾ وهنجي.... ١٤٣
منهنجي عمر ابابيلن جئن.... ١٤٤
هيءَ شيءِ جا روپوش ٿي/ آڀري ٿي.... ١٤٥
اڄڪلهه ڪيڏا گيت اچن ٿا.... ١٤٦
هو چون ٿا/تون اسان جي سوچ آهين.... ١٤٧
مَتَ موڪي ڪول سارا.... ١٤٨
ڪونه پڇندس/ڪونه پڇندس.... ١٤٩
آءٌ نٿو ورجائڻ چاهيان.... ١٥٠
تنهنجو تبسم جنهن جي فقط آ/چاڻ آئيني ڪي.... ١٥٢
تون آمرتا آنهه منهنجي ١٥٣
اڄ به ڪيئي ناريون منهنجي/راهه تڪينديون هونديون.... ١٥٤
ذات جو ڪوئي ذڪار/ڪونه پوندو.... ١٥٥
سال ملهي ٿيا، پر اڄ تائين.... ١٥٦
روءِ تنهنجي جو گلاب.... ١٥٧
واهوندا ورندا.... ١٥٨
جن جون لوڙيون لالُ.... ١٥٩
ايڏا ڏک نه ڏي.... ١٦٠
تون جي مون کي ڪونه ميڙيندين.... ١٦١


Gul Hayat Institute

١

ڪم آڻي ٿو. تہ اُن ’مان‘، يعني فرد انسانيءَ، جو اُهو خاص سپنڌ، ’تون‘، ڇا آهي، جنهن ڪان سواءِ ’مان‘ مان ئي ناهيان؟ - ’تون‘ اُها جيڪا ’مون‘ لاءِ نُور بہ آهي، سونهن ۽ سرهاڻ بہ آهي، جيڪا ’مون‘ کي، فرد انسانيءَ کي، پنهنجي سڪ ۽ ڇڪ ۾ جيئرو بہ رکي ٿي، ڇڏي بہ وڃي ٿي، ۽ جنهن ڪارڻ انسان پاڻُ بہ گهوري ڇڏين ٿا! ڪي اُن کي پنهنجو محبوب يا ڪوئي ٻيو مقصود يا ڪوئي ’ماڳ‘ يا منزل چئي سگهن ٿا: پر شاعر جي نظر ۾ اُها ’تون‘ ۽ اُن جو ’ماڳ‘ هڪ شيءِ نہ پر ٻہ جدا شيون آهن- ” ’تون‘ جيڪا منهنجي ’سڪي‘ آهين، منهنجو ساهہ آهين، جنهن جي ماڻ سان مان سمجهان ٿو تہ مون کي سارو ’جڳ‘ ملي ويو، باقي مون کي ڇا کپي؟“ پر اُن جي منزل، اُن جو ’ماڳ‘ وري بہ هو اُن ڪان الڳ، پري ڪٿي، ٿو ڏسي، ۽ اُن ’ماڳ‘ تائين پهچڻ بلڪ اُن ڏانهن وڃڻ جي رڳو واتَ يا ’دڳ‘ ئي هن کي ملي ٿو تہ هو سمجهي ٿو تہ سڀڪجهہ هن کي ملي ويو، ۽ ٻيو ڪجهہ هن کي سچ پچ بہ تہ کونہ ٿي ڪتو!-

تون ملينءَ مون کي تہ سارو جڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سڪي!
ماڳ ڏيو آ پري، جي دڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سڪي!

تہ اِها ’تون‘، اِها ’سڪي‘- شاعر جي، تنهنجي، منهنجي، ۽ هر فرد انسانيءَ جي- ڇا آهي! اُن لاءِ شاعر جو چوڻ آهي، ۽ اِئين ئي ظاهر بہ آهي، تہ اُها خود ڪيس ۽ هر فرد انسانيءَ کي ملي ئي وڃي ٿي- مليل آهي- ۽ ڪُلّي طور بي بدل، آملهہ، ۽ فقط هڪ ئيءُ هوندي بہ ’ماڳ‘ جي ڇڪ ڪان سواءِ اِڪارت ۽ فضول گذري ٿي وڃي! شاعر جي اُها ’سڪي‘، فرد انسانيءَ جو اُهو ساهہ سنئون سپنڌ، چاندنيءَ جو چٽڪو ۽ بي‌ثبات، - ’ماڳ‘ ۽ ’دڳ‘ جي حوالي سان خصوصاً- ڌرتيءَ تي خود انساني زندگي ئي تہ آهي! تہ پوءِ زندگيءَ جو اُهو ’ماڳ‘ ڪهڙو؟ ۽ اُن ماڳ ڏانهن نيندڙ ’دڳ‘

Gul Hayat Institute

کھڙو؟ اِهي بہ سوال آهن، جيڪي شاعرَ، سچي هن نظم کي استعارو بنائيندي، اَن ۾ پڙهندڙن لاءِ سوالن طور ڏي ڇڏيا آهن، تہ اُنهن جا جواب هو، زندگيءَ جي فلسفي ۽ فڪر جي پنهنجي حاصلات مان، پاڻ ئي وڌيڪ ڳولين ۽ لهن.

هاڻي اسين هن نظم جو هڪڙو ٻيو نالو بہ تجويز ڪري سگهون ٿا- مثلاً "زندگي ۽ اُن جو ماڳ"، "جيوت ۽ اُن جو آدرش"، "جيوت جو ڏڪ"، "زندگيءَ جي راهہ" وغيره.

شاعرَ، مفڪر، ڪو پيغام رکندڙ، جڏهن اِئين زندگيءَ جي 'منزل' ۽ 'راهہ' بابت پنهنجي ڳالهہ دوران پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ يا شاعريءَ سان اِن قسم جا نِدائي سوال ڪندا آهن، تہ سندن ڏي اَن خطاب ۾ اُنهن جا جواب بہ ضرور موجود هوندا آهن. مون اياز جي شعري مجموعي "راج گهاٽ تي چنڊ" جو مهاڳ لکندي، اَن ۾ خاص سندس اَهي جواب ڏي ڏسڻ گهريا ٿي، ۽ عزيز پڙهندڙن جي ڌيان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪيتري قدر آءٌ پنهنجي اَن مضمون ۾ اِئين ڪري سگهيو هوس، اَن جو فيصلو ظاهر هو تہ هنن کي پنهنجي لاءِ پاڻ ڪرڻو هو. بهرحال چوڻ مون اِهوئي ٿي گهريو تہ اياز پنهنجي ذري گهٽ سڄيءَ شاعريءَ ۾، ۽ اَن مجموعي ۾ بہ خصوصي طور، پنهنجن ماڻهن لاءِ اِهي ئي انساني زندگيءَ جي اهميت جا، اَن جي سڪارج ۽ آڪارج هجڻ جا، سوال ڇيڙيا هئا ۽ اُنهن جا ئي جواب سندن سوچ ۽ عمل لاءِ سندن آڏو رکڻ گهريا هئا.

هونئن تہ زندگي سڀ زندگي آهي- حيواني توڙي انساني- پر پوءِ بہ فرق ٻنهي ۾ ڏاڍو وڏو آهي. ۽ اَن فرق جي ظاهر ٿيندي ٿيندي، ۽ وڌندي وڌندي، لکن، ڪروڙن سالن جون وڇوٽيون وڌي ويون ۽ وچ ۾ احساسن، جذبن ۽ خيالن جي ڪائناتن جا ناقابلِ عبور مفاصلا پئجي ويا. اُنهن مان مکيہ ۽ اَت نرالا امتياز چار سڃاتا ويا آهن: عقل (Reason)، آزادي (Freedom)، پيار (Love) ۽ ڪهل (Compassion). انساني زندگيءَ جي اِنهن چئن امتيازي سڃاڻپن مان پهريون بہ انفرادي نوعيت جون ۽ آخري بہ اجتماعي نوعيت

Gul Hayat Institute

جو ڪجهہ آھا ڪري ٿـي، جا ڪجهہ آھا ٿئي ٿي؛ ر ڳو ’انساني‘ سڏجڻ سان آن کي انساني (يا فوق‌الانساني) پـَر لڳي ڪونہ ٿـا وڃن- جيئن ’ديني‘ تبليغ‌ڪارَ ۽ ’معرفت‘ جا دعويدار انسان کي ’اشرف المخلوقات‘ جي تلهي پـَـڳ ڏيئي، ۽ آن‌کان ٿـي مٿي ’الله‘ تائين نيئي، ماڻهوءَ جـو مٿو ڦـي ڦيري ڇڏيندا آهن. پنهنجي پاڻ يا پنهنجي ڪنهن محدود گروهہ ۾ ٿي گم ھجڻ سان انساني زندگي بنهہ حيواني يـا آن‌کان ڌ ـوريءَ ٿي مٿيريءَ ڪنهن سطح تائين پهتل شمارجي سگهي ٿي. انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن واڌ جـي هـن انساني زندگيءَ جـي تهذيبي سفر جي منزل، بهرحال، قومي اجتماعيت کان اڳيان هن روشني پاتل ويهين صديءَ جي خاتمي تائين بہ، اڳتي ڪانہ سُري سگهي آهـي. پنڊت جواهرلال نهروءَ جي اِن سلسلي ۾ چيل هيءَ ڳالهہ اڄ بہ تاريخي اهميت جـي حامل آهي تـہ ”جديد زندگيءَ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان اهم شرط قوميت آهي.“
(Nationalism is the very condition of modern existence)
بين‌الاقواميت، عالمگيريت، آفاقيت اهـڙن خيالن جـي سطح تائين واقعي وڏا آدرش تـہ آهن (۽ سچ تـہ ر ڳو اڄ نـہ پر گهڻي وقت کان آهن)، پر آنهن لاءِ انساني زندگي پنهنجا گهربل نظامَ، دستورَ، ادارا اڃان قائم ڪري نہ سگهي آهي، بلڪ پوريءَ طرح سوچي بہ نہ سگهي آهي- جيئن معروف ۽ جائز قومي سطح تائين پنهنجي اجتماعي چڱائـيءَ (Collective Good) لاءِ آن جمهوريت، قانون جـي بالادستي، سماجي انصاف، ۽ فلاحي. يا اشتراڪي نظام تجويز ڪيا آهن ۽ پڻ عمل ۾ آندا آهن.
اياز ۽ اياز جا دوست اِن سلسلي ۾، ڌرتيءَ جي پنهنجي هن وڏي ۽ وشال خطي کي، جنهن کي تاريخ اڄ ’هند - پاڪ‘ يا ’ڏکڻ ايشيا‘ چوي ٿي، ۽ جيڪو تاريخ وٽ، آن جي مختلف دورن ۾، ڀارت ورش، اِنڊوس (Indos)، هند، هندوستان ۽ انڊيا (India) سڏيو ويو، خاص طرح پنهنجي سنڌي قومي سڃاڻپ جي حوالي سان، هڪ قوم جو نـہ پر

’قومن‘ جو گھر‘ سمجھن تاه انساني زندگيءَ جهي مهربان ماءُ هن ڌرتيءَ تي، ننڍي کنڊ هندستان جهڙا ڪيئي پيا ٻه ’قومن جا گهر‘ موجود ٿيا آهن، مثلاً يورپ جو کنڊ سڄو ۽ عظيم ايشيا ۾ خاص طرح روس ۽ چين ۽ مغربي ايشيا، وغيره - يعني، ڌرتيءَ جا آهي خاص وسيع ۽ عريض خطا جتي مخصوص تاريخي حالات ۾ عظيم مذهبي تحريڪون به آيريون، پکڙيون، ۽ ماند پئجي ويون: جيئن اسرائيلي مذهبي تحريڪون، مسيحيت ۽ اسلام سميت؛ آريائي مذهبي تحريڪون (برهمنيت، ٻڌمت ۽ جين ڌرم)؛ ايران ۾ زردشت، ۽ چين ۾ ڪنفيوشس جون تحريڪون، وغيره. هنن سڀني تحريڪن پاڻ سان گڏوگڏ يا پويان پنهنجيءَ جاءِ تي، پنهنجي پنهنجي خطي ۾ يا جتي به آهي پکڙيون اتي لازماً ملوڪيتي نظامن کي جنم ڏنو. مذهبي تحريڪن، پين ڳالهين سان گڏ، پنهنجي ”قدس حق“ جي زبانن ذريعي- جن مان ڪي ته اڄ عام استعمال مان ٿي نڪري ويون آهن- برابر پنهنجيءَ پنهنجيءَ برادريءَ کي هڪ طرح جي محدود اجتماعيت ڏني، ۽ پوءِ جي آيريل ملوڪيتي نظامن پڻ انهن خطن ۾ پري پري تائين پانت پانت جي ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي حڪومتي دٻاءَ ۽ پين حيلن وسيلي هڪ طرح جي مرڪزيت هيٺ رکيو- جيئن برصغير ۾ مهاراجا وڪرماجيت، مهاراجا اشوڪ، شهنشاهه اڪبر، ۽ تازي دور ۾ انگريز شهنشاهت. پر قديم دورن کان انهن خطن جي الڳ الڳ علائقن ۽ ايراضين کي پنهنجي تصرف ۾ رکندي، پنهنجي پنهنجي خاص ٻولين ۽ رسمن رواجن ۽ طور طريقن سان رهندڙ پانت پانت جا آهي ماڻهو، انهن مذهبي ۽ ملوڪيتي نظامن کان به اڳ، توڙي انهن جي هلندي، ۽ انهن جي ماند پئجي وڃڻ کان پوءِ به، وڌندا ۽ مستحڪم ٿيندا رهيا- تان جو، ٿيندي ٿيندي، انهن وسيع ۽ عريض خطن ۾ آهي ماڻهو علائقيت (Territoriality) ۽ ٻوليءَ (Language) جي بنيادي سڃاڻپ هيٺ، پنهنجي پنهنجي قومي حيثيت اختيار ڪري ويا. برصغير جي وڏي ۽ وشال خطي ۾، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي به اها حيثيت هئي- هزارها سالن جي لاڳيتي

Gul Hayat Institute

چڻ ته ڪا آهين پڪار،
جيءَ منهنجي جي جيار!
تي سدا مون ۾ رهين.

نانءُ تنهنجو تي جپي جا،
ڪا ته تن ۾ آهه تار!....
وچ ۾ درياهه آهي،
۽ ڪپر ڪهڙا آپار!....
مون اُئين تي آرزوءَ ۾
آ ڪٽي ساري ڇمار....
ننڊ ٽوڙي جاڳ ۾ هان
آءٌ تنهنجي لاءِ پيار!
تي سدا مون ۾ رهين!
تي سدا مون ۾ رهين!
(ص ٢٤)

اڄ تون مان ٻن شعلن وانگر
هڪٻئي منجهه سمايا آهيون؛
ڪيڏو دور پرائيءَ ڌرتيءَ
تي هيئن ويجهو آيا آهيون!
دل ته چوي تي سارا ويڇا
پاڪر پائي رک ڪريون ها،
سانگ سياست جا آهن جي
تن کي ڪانا ڪک ڪريون ها!

ڪيڏي اڄ اسان ۾ آ، پر
چاهيون ٿا ته به ڪونه ملون ٿا!
ڇا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي؟
ڇونه ملون ٿا؟ ڇونه ملون ٿا؟.

Gul Hayat Institute

سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
توکي مون کي آيا آهن،
هن دنيا ۾ ڪيئن نه پنهنجا
هڪٻئي لاءِ پراوا آهن!.... (ص ٨٣)

تون چائين تو؟ مان
ڪچيءَ تائين رت سان
پريل پيالي جان!

تو بن نيرن تي،
ڳوڙها منهنجا شمع جان
منهنجي ٻيرن تي.

پنهنجي پيار جيان
پوپٽڙو، رت-پنکيو
تنهنجي سار جيان! (ترنم-ستا: ص ص ١٣٤-١٣٥)

ڇا ڪائي ڪنهن وقت رڙو رڙ
هن ڌرتيءَ کي ڇرڪائيندي؟
يا هيءَ سانت وَسيهر وانگر
ويندي هر شيءِ ڳرڪائيندي؟

آهِ ڪنڌيءَ تي ويٺو سوچان
ڇا ڪوئي طوفان نه ايندو؟
جيڪو ٻيئي پار ملائي،
ڇا اهڙو انسان نه ايندو؟ (ص ص ٤٤-٤٥)

اياز جي شعر جو هيءُ چوڏهون، ۽ گذريل پنجن سالن ۾ شايع ٿيندڙ اٺون مجموعو آهي، جو هاڻي لائق پڙهندڙن جي آڏو آهي.

تہ ايندو/ فصل بهاران نيٺ تہ ايندو!' اهڙيءَ طرح، مجموعي جي هن اهم حصي، ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي“، جي هر ڀاڱي ۾ اندروني ربط موجود ملندو ۽ چارئي اُن جا ڀاڱا گڏجي بہ هڪ ڳالهہ کن ٿا- زندگيءَ جي، اُن جي ماڳ جي، ماڳ جي دڳ جي، ۽ دڳ جي ڪٺن سفر، اڳتي وڌڻ ۽ جاکوڙ جي۔

اياز جي هن مجموعي جي ٻئي حصي بابت وڌيڪ ٻہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! اُن جي پهرئين ڀاڱي ۾ اياز جا چاليهہ تہ-سٽا آهن، جيڪي بہ هڪ لاڳيتي نظم جيان ٿي آهن، جيڪو اسان کي پنهنجي محبوب قومي شاعر کان اِن صورت ۾ عطا ٿيو آهي۔ اُن جي هڪ تہ-سٽي- 'ڪينر ڳهٽ تہ ڀانءِ/ڪوٽ مٿان ڪنگرا/جهوري وڌي جهانءِ!'- کي اسان جي لائق نوجوان مصوّر، فتاح مغل، پنهنجي هڪ شاهڪار جي صورت ڏني آهي، جنهن سان ڪتاب جي اِن ٻئي حصي جي شروعات ٿيل آهي۔ تہ-سٽن کان پوءِ اِن حصي جي ٻئي ڀاڱي ۾ اسان کي پنهنجي شاعر کان ويهہ نظم مليا آهن، جن مان هڪ هڪ پنهنجي سادگيءَ ۽ سونهن ۾ ۽ فڪر ۽ جذبي جي پوترتا ۽ اوچائيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي۔ اِن پوئين ڀاڱي جو پويون، ۽ هن سڄي مجموعي جو پويون پر سچ تہ هڪ بهترين نظم، جنهن جي شروعات اياز بنهہ پنهنجائپ واريءَ ۽ بيحد هڪ محبوبانہ شوخيءَ سان ڪئي آهي-

ڏون جي مون کي ڪونہ مڃيندين
مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي،
آءٌ سپاٽي لاءِ لکان ٿو
جيڪو نيٺ تہ اچڻو آهي،
مون تي ميڙو مچڻو آهي۔ ــــ

اُن سان آءٌ هن پنهنجي مضمون جي پڄاڻي ڪرڻ گهران ٿو۔ پر اُن کان اڳ اياز جي اِن دلبرانہ شوخيءَ بابت ٻہ اکر ضرور چوندس. جيڪڏهن اياز 'مون'، سندس پڙهندڙ، کي اِئين بيتعلق ٿي،

تـِڙ تان ناريون ايندڀون آهن
پنهنجن پيارن لاءِ سجائي —
نيٺ ته تنهنجو مـَنُ پائينديون.

چانڊوڪين راتين ۾ مارُو
مون کي ٿـَربـَر ۾ ڳائيندا،
بسنت رُت ۾ منهنجون واڻيون
گُليءَ گُليءَ ۾ ڦهلائيندا.

ورهيه وراڪا جيئن ڪاڻي ٿي
اِڏن مان تنهنجا ٿهڪ ٻه آهيان،
رُت ۾ جڏهن رابيل ٽڙن ٿا
تڏهن ڌرتيءَ جي مهڪ ٻه آهيان —

ءُ هيءَ ڌرتي نيٺ ته مهڪي
ٿيندي ڪو گُلزار سياڻي،
آءٌ لڪان ٿو
جنهن لئه هاڻي.

---

حيدرآباد سنڌ — محمد ابراهيم جويو
٢١ مئي، ١٩٨٨ع

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

”عمر ساري ٿي رهيو هان
آءٌ تنهنجو انتظار.....“

Gul Hayat Institute

مان ڪنهن جهوني ٻڙ جئن آهيان
منهنجي ڇانوَ اڳي ڪاڻ گهري؛
سڄ سنهري ٿي ويو آهي
گذري ويئي آهه ته ـ پهري.

هيٺان پاڻي سونَ وَرن آ
سڄ اُنهيءَ ۾ لهرائي ٿو،
ڇولي ڇولي جئن ڇُلڪي ٿي
ڪجهه ته نديءَ سان ڳالهائي ٿو.

هي سارو سنسار سدائين
گيت آڌورو ڪو ڳائي ٿو،
ڪٿن ڇيئجي ڪيڏانهن وڃي ٿو
اِن جو انت نه ڪو پائي ٿو!

منهنجا ٻول به اِن ۾ آهن
هي جو گيت نه ڪنهُو آهي،
هي جو ساپيا وانگر سپنو
مان ڀانيان ٿو ٽنڊو ناهي!

پاڻيءَ جي لهرن ۾ ڳائي
آءٌ ستارن ۾ ڳايان ٿو،
مان جو مُور نه مرڻو آهيان
پنهنجو پاڻُ پيو پايان ٿو.

Gul Hayat Institute

هيءُ ٻہ منهنجو گيت تہ ناهي
مون ڪان ٻاهر جو گونجي ٿو؟
مان ئي هي سنسار تہ ناهيان؟
منهنجو ئي تہ نہ آهي سپنو؟

---

Gul Hayat Institute

●

چنڊ سان چمڪي نيڻَ
تا چون توکي، ’نه وڃ!‘

تون نه مون تي چاندني آن
تون نه آهين چنڊ پانڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
تا چون توکي، ’نه وڃ!‘

ترس هيت، اڳتي ڪَرڻ آ
پر نه توکي آهه ڄاڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
تا چون توکي، ’نه وڃ!‘

آءٌ تنهنجو هان، نه آ پر
تو پرائي جي پڇاڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
تا چون توکي، ’نه وڃ!‘

نيٺ تون موتي نه ايندينءَ
پر نه رهندي هيءَ سڃاڻَ؛
چنڊ سان چمڪي نيڻَ
تا چون توکي، ’نه وڃ!‘

---

Gul Hayat Institute

●

تو ڏسي، حيران ٿي
چنڊ دروازي مٿان.
ڪيترا ياتي نه آهن، گهر ويو ويران ٿي!
تو ڏسي حيران ٿي
چنڊ دروازي مٿان.
مان اڃان ڪنهن لاءِ ويٺو هان هتي دربان ٿي؟
تو ڏسي حيران ٿي
چنڊ دروازي مٿان.
آءٌ جنهن جي آسري هان، آءٌ سو امڪان ٿي!
تو ڏسي حيران ٿي
چنڊ دروازي مٿان.

———

Gul Hayat Institute

تون نہ آئي آن اڃان،
آ وڌائُو رات جي
نرڙ تي جهومر جيان،
باک نڪري ٿي پئي
ڪنهن ڪنواري خون جان،
ويل هيءَ ميلاپ جي
تون وڃين ٿاري متان!
ٿا ڏسن ڳاڙها گلاب
تو طرف هر شاخ تان،
رات پڻ شبنم روئي
ٿي چوي، ’توکي ڏسان‘
آهُ، کهڙي اڄ سَڃان،
آءُ، تنهنجي لاءِ مان
ڪيترو بيچئن هان!
تون نہ آئي آن اڃان....
تون نہ آئي آن اڃان....

Gul Hayat Institute

ٿو وڇ ۾ واهڙ وهي
هُن پار تون هِن پار مان.
هر رات تنهنجي پار ڏي ٿو چنڊ حسرت مان ڪٿي،
ٿو وڇ ۾ واهڙ وهي
هُن پار تون هِن پار مان.
تون ڪاٿ آن، تون ڪاٿ آن ٿو ڪير تنهنجي گهر رهي؟
ٿو وڇ ۾ واهڙ وهي
هُن پار تون هِن پار مان.
اي زندگي تولاءِ ڪو ڪيئن پيو سٿها سهي!
ٿو وڇ ۾ واهڙ وهي
هُن پار تون هِن پار مان.

---

Gul Hayat Institute

●

مان آئين ٿي آزمايل
جڏهن وهائو توڙَ تائين
صبح جي پهرين سنيهي کي ٻڌي ٿو؛
تون اڃان آئي نه آهين
ڪيترو ويران گهر ٿو ڪئي سڏي ٿو!

در اڃان تائين ڪليل آ
بند ٿيو جي، ڪيئن ايندين؟
تون ته آن جهونڌو هوا جو
ڇا سگهندون ساٿ نيندين؟
هي اگهرُ تو لئه تڪي ٿو

ڪنهن اُڃايل نيڻ وانگر،
ڪا صدا تو لاءِ آهي
واءُ ۾ ڇڻ ويڻ وانگر.
تون ڇپي ويٺي ته آهين
پر اڃان پيي وقت آهي،

هيءُ دروازو اڃان تو لئه کايل آ
۽ اڃان تائين ته مون کي ننڊ ناهي،
۽ ائين تو لئه اُڃايل
ايترو ترسي سگهان ٿو
جيترو ڪوئي نه ترسي.

Gul Hayat Institute

چڙ نہ ڪا آهين پڪارَ
جيءَ منهنجي جي جيارَ،
ٿي سدا مون ۾ رهين.

نانءُ تنهنجو ٿي جپي جا
ڪا نہ تنَ ۾ آهہ تارَ!
ٿي سدا مون ۾ رهين.

وچ ۾ درياهہ آهي
ءُ ڪپرَ ڪيڏا اپارَ!
ٿي سدا مون ۾ رهين!

مون اڃين ٿي آرزوءَ ۾
آ ڪٽي ساري ڄمارَ،
ٿي سدا مون ۾ رهين.

ننڊ ٽوڙي جاڳڻ ۾ هان
آءٌ تنهنجي لاءِ پيارَ!
ٿي سدا مون ۾ رهين،
ٿي سدا مون ۾ رهين.

Gul Hayat Institute

ڇا چوان؟ پل پل وڃي ٿي
رات پر پاڇل وڃي ٿـــي،
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي؟

تون اچين ٿي، تون اچين ٿي
دور سنڌوءَ تـي نچين ٿي،
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي؟

آءُ آڏريـــاءَ تنـــهنجـو،
چنڊ جيئن ڦهلاءُ تنهنجو،
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي؟
ننڊ مون کي ڪيئن ايندي.

Gul Hayat Institute

۷●

ڇو وڏي آهين لڏي؟
هيئن تون مون کي ڇڏي؟
ڪاش تون موتي اچين!

سِج ۾ اوندهہ ۾ پڌي
جيستائين مون تڏي،
ڪاش تون موتي اچين!

اڄ شفق ڪيڏا پٽي
چِٽ پاڙيءَ ۾ ڳڏي!
ڪاش تون موتي اچين!

آءُ آڏري هنج جٺن
سَرُ پيو توکي سڏي!
ڪاش تون موتي اچين!
ڪاش تون موتي اچين!

---

Gul Hayat Institute

●

ڇا تون مُور نہ اچڻي آهين؟
ڇا تون سڀ پنهنجي ڇاتيءَ ۾
گهاٽَ گهڻيون ميساري سگهندينءَ؟
۽ سو چنڊُ بہ واري سگهندينءَ
تنهنجي ڪونڌي تي آيل جو
تو کان روز ڇڻيون وٺندو هو؟

ڇا تون اُن کي ماري سگهندينءَ
جو سپنو تنهنجي ڇاتيءَ ۾
اَڄ بہ ڪنهن اسرار جيان آ،
اَڄ بہ تنهن دلدار جيان آ،
جنهن تي تو دل هاري آهي؟
يا تو ڳالهہ وساري آهي؟
جا گذري سا گذري ويئي،
چنڊ سڄي آڪاس مٿان آ،
اڄ جي رات جتي پئي پيئي!

Gul Hayat Institute

●

منهنجي من ۾ جو رستو آ
تنهنجي گهر تي پورو ٿئي ٿو،
آءٌ پهاڙن کي اورانگهي-
روز اچان ٿو تنهنجي در تي،
تنهنجو درُ جو ڪونہ کُلي ٿو.

چنڊُ، جڏهن مان پنڌ ڪيان ٿو،
رستي تي هر وقت هلي ٿو،
مون کان اڳ ۾ تنهنجي در تي،
بيهي مون کي چِڙ تہ جهلي ٿو،

هي اُن جو دروازو آهي
مون کان اڄ تائين نہ پِٽُلي ٿو'
ايئن چئي، پوءِ هو موٽي ٿو
مون سان ساري رات رُلي ٿو؛
تنهنجو در پر ڪونہ کلي ٿو
تنهنجو در پر ڪونہ کلي ٿو.

———

Gul Hayat Institute

آ سدا تـوري لڳـي
جيءَ ۾ جهوري لڳي،
تون وري ايندينءَ ڪڏهن؟

عمر تنهنجي آرزوءَ ۾
ڪيتري ٿوري لڳي!
تون وري ايندينءَ ڪڏهن؟

چنڊ جي چانڊاڻ تنهنجي
روءَ جي چوري لڳي
تون وري ايندينءَ ڪڏهن؟

نانءَ ونڌو نانهه، تنهنجو
ڳالهه هيءَ ڳوري لڳي
تـون وري ايندينءَ ڪڏهن
تون وري ايندينءَ ڪڏهن.

Gul Hayat Institute

ڪاش! مان تو لئہ مران!
لاش نڪري جئن گهران
ڪاش، تون ويجهي هجين!

ڇڙ تہ تون سوداءُ آن
جو نہ نڪري ٿو سرّان!
ڪاش، تون ويجهي هجين!

پيار جي اظهار ۾
ڇو ڏران؟ ڪنهن کان ڏران!
ڪاش، تون ويجهي هجين!

هر خوشي پاسي ڪري
ٿو وري توڏي وران
ڪاش، تون ويجهي هجين!

سڏ تي نڪري اچين
ڪاش، تون پنهنجي دران۔
ڪاش، تون ويجهي هجين!
ڪاش، تون ويجهي هجين!

---

Gul Hayat Institute

⁂

جنهن مان تنهنجو واسُ اچي ٿو
سا شيءِ مونکي پياريءِ آهي.

هو پونم جو چنڊ مٿان آ
هيٺان ڪائي تاري آهي،
هيءَ جا رات ڦُلهاري آهي
مونکي تو جئن پياري آهي.

وائي جا ٿر ٻر گونجي ٿي
برساري تي واري آهي
موت نه جا ميساري آهي
مونکي تو جئن پياري آهي.

ٻاڪ ڦُٽي تولاءِ تڪيندي
جاڳي رات گذاري آهي،
مون جا راهه نهاري آهي
مونکي تو جئن پياري آهي.

Gul Hayat Institute

منهنجو مُنهن جهونو ٿي ويو آ
تنهنجي لاءِ نهاريندي،
وَر وَر آگ اُپاريندي؛
پوءِ اڃان ته نه پورو ٿيو آ
اڇڙو آهه بسنت اڃان
سيءَ سياٽي انت اڃان!

هي جو تنهنجو وعدو ٿيو آ
’ايندس آنءَ گلابن سان‘،
توڙي آنءَ عذابن سان
گهاريان ٿو ته به ساريان ٿو،
تنهنجي راهه نهاريان ٿو.

Gul Hayat Institute

●

ڇا هي ساڳي گهر جو در آ،
جنهن جي ڇانئٺ وٽ ويهي مون
ٻاسيو هو تہ بهشت بہ آهي؟

اڄ تون دُور هلي وئين آهين
ويجهي هوندي، ويجهي ناهين!

چند گهڙيءَ ۾ ساڳيو آهي
ساڳي ٻاڪ، سرنهن جو وڻ ڇڻ
بسنت رُت ۾ جاڳيو آهي؛

اُن ۾ قول قُٺي پيا آهن،
قول تہ ناهن سپنا آهن
هن ڌرتيءَ جا، هاڻي جيڪا
تو لئہ ڇڻ واجهائي پيئي،
شايد تنهنجا پير اڇن تہ
جن جي لاءِ ڪتائي پيئي؛

ها، هي تنهنجي گهر جو در آ
تون جا دُور هلي وئي آهين.

---

Gul Hayat Institute

ڪنهن ڦهلايو رنگ شفق جو
آهي اَن تــي ڀـوڇا وانگر؟
ساري ڌرتـي ڳـــرجا وانگر
گهـنڊَ وڄائي ٿي، گونجي ٿي؛
هيءَ جا تنهنجي سارَ اچي ٿي
سا بہ تہ تنهنجي پڙوڇا آهي!
هـيءَ قلم جــڻ منهنجو ناهي،
جــڻ سارو سنسار انهيءَ ۾،
تنهن سان تنهنجو پيار اُنهيءَ ۾
مـون اڄ رات سمايو آهــي،
تــوکي آءٌ وڃـايـو نـــاهي
منهنجي مَـن ۾ تـيون آهين ائين،
چنڊ پريان آڪاس منجهان جئين
نڪري ندّيءَ تي جهلڪي ٿو
ڇوليءَ ڇوليءَ تي چلڪّي ٿو.

---

Gul Hayat Institute

●

زندگــيءَ ۾ اعتبـارُ
پيارَا تنهنجو آهه پيارُ
توِن اڇين ٿي!
تون اڇين ٿي!

مٺڙَ هوليءَ جي اڇي وئي
واهُ ۾ آهــي بهـارُ،
تون اڇين ٿي!
تون اڇين ٿي!

ٿــا ستـارا لـڙکڙائـن
عـرش تـائين آ خمارُ،
تون اڇين ٿي!
تون اڇين ٿي!

ريت روايءَ لاءِ ساڳي
گومتيءَ* جـي لاءِ پيارُ،
تون اڇين ٿي!
تون اڇين ٿي!

سِنڌُ تو آئي نه ڏسندي
ڏات جو ڪوئي ڏڪارُ،
تون اڇين ٿي!
تون اڇين ٿي!

عمر ساري تي رهيو هان
آءٌ تنهنجـو انتظـار
تون اڇين ٿي!
تون اڇين ٿي!

---

* گومتي ـ هڪ ندي

Gul Hayat Institute

راتِ صُراحي آهي، جنهن ۾
مَيءِ ڇلڪي ٿي، پوءِ بہ اُن جو
ڪوبہ ترو ڪونهي.

اُن مان ڪيئي جامَ پيئان ٿو
تون ايندينءَ، تنهن لاءِ جيئان ٿو.

جي ڪو در تي کڙڪو ٿئي ٿو
من ڇرڪي ٿو
۽ سوچي ٿو
تنهنجو آدرياءَ ڪري ڪئن؟
تو لئہ ڪوئي جام ڀري ڪئن؟
پوءِ ڏسي مايوس ٿئي ٿو،
هي تہ هوا جو جهوٽو آهي
جنهن ۾ تنهنجي پنڌ پوڻ جو
ڪوبہ ڀرو ڪونهي!
راتِ صُراحيءَ وانگر جنهن جو
ڪوبہ ترو ڪونهي!

Gul Hayat Institute

●

سنجها ٽاٽو جئن ايندو آ
چنڊ وَلين جان
جوت پٽين تي چاڙهيندو آ،
گذريءَ رُت جون سارون مون لئه
ساونڻ جي گهنگهورگهٽا جئن
ايندِيون آهن،
ڪنهن ايڏي پُرشور هوا جئن
ايندِيون آهن،
سڀڪجهه اڏري ويندو آهي،
تنهنجو روپ رڳو رهندو آ؛
چندرما جي چانڊوڪيءَ جئن
ڪارن ڪڪرن ۾ ڪَهندو آ؛
۽ پوءِ مان سوچيندو آهيان،
تون جا منهنجي چانڊوڪي آن،
سچ پچ منهنجي پاڻهـُن ۾ تون
گهورگهٽا جئن وارَ وڇائي،
۽ ڇهري جو چنڊ ڇُپائي،
ڪالهه هئينءَ ڪنهن سپني وانگر؛
يا هي سچ پچ سپنو آهي
سپنو، جيوَن ساري وانگر؟

---

ڪونج وانگر تو قران مان
تي پُڌين ڪُرلاءُ منهنجو؟
تا پُڌن تارا فلڪ تي،
تون اجهان تائين، فجر جئن
ڪانه آئي آنهه گهر ۾؛
تون نه ايندينءَ پو به تَر ۾
سوجهرو ٿيندو، آوَس ٿيندو آيائي!
آ چڙهيو ڪيڏو نه پاڻي
۽ سنڌو تمثار آهي!
تو ڏٺو آخر پراهين پار چاهي؟
پڌ! پُرن تا چنگ ڪيڏا
۽ چڙا بيدار آهن،
لارَ آ ڏين جي هوا ۾
چڻ نه تنهنجي سار آهن!
چا پُڌِي پيهار مون سانَ
ڪانه همآغوش ٿيندينءَ؟
يا صدا برگوش ٿيندينءَ؟
ڪيستائين ننڊ نيندينءَ؟
ڪونج وانگر ڪونه ٿيندو
رات سان سرچاهُ منهنجو.
تي پڌين ڪُرلاءُ منهنجو؟
تي پڌين ڪُرلاءُ منهنجو؟

—

Gul Hayat Institute

●

تون متان ائين سمجهين
ياد تون نه آن مون ڪي؛
چنڊ جئن گهٽائن ۾
دور دور ويندو آ:
تئن ڇپي وئي آهين؛
دور ديس ۾ ڪنهن جي
گهر، ڪپي وئي آهين.
اڄ به آهه منهنجو من
ڪنهن اُداس گهر وانگر،
ٿا پڇن جڏهن آهٽ،
چٽ ته نيڻ در وانگر
ٿا کلي پون منهنجا!
انتظار مون چاچا
رات پر ڪيو آهي؟
تون اڃان نه آئي آن:
من ته بي ڇيو آهي
تو چوي ته 'تون ايندين،
رُت بسنت جي ايندي،
پينگهه ائن آڳر ۾
تو سوا نه جهوليندي ـــ'
تون ضرور اچڻي آن!
تون ضرور اچڻي آن!

Gul Hayat Institute

تو اچين ٿي!
تو اچين ٿي!
گھرُ آهو پر ڪونه آهي؛

درُ آهوئي آهه اُن جو،
پاهران تو وڻ ڏنو هو
پرُ آهو پر ڪونه آهي.

ڪنب تنهنجي لاءِ ڪامن
هنجَ تو لئه تا اڏامن
سرُ آهو پر ڪونه آهي.

اڄ به هُو تو لئه تڪي ٿو،
ڏيهہ ساڳيو آهي تنهنجو
ڏرُ آهو پر ڪونه آهي.—

تون اچين ٿي
تون اچين ٿي.

Gul Hayat Institute

●

پيارَ! تنھنجو انتظار
کيستائين مان ڪيان؟

تون ڪڏھن ايندين ۽ گُلن جئن
۽ ڪڏھن ايندو بهارُ؟
پيارَ، تنھنجو انتظار
کيستائين مان ڪيان؟

آ پُني منھنجي حياتي
آهه باقي ڏينهن چار،
پيارَ، تنھنجو انتظار
کيستائين مان ڪيان؟

ڪونه تو ڪنهن کان پُڇيو هو
موت تي ڪهڙي ميار!
پيارَ، تنھنجو انتظار
کيستائين مان ڪيان؟

Gul Hayat Institute

تي ٻري شعلي جيان،
زندگي منهنجي مٿان
اوچتو ڪامي وڃي،
ڪا ڳهڙي ٽولاءُ اوندهه تي وڃي؛
مان ته پانيان تو اچان
جيستائين ڪيترا شيعلا ٻرن
روشنائي ڪن ڳهرن،
آءُ تنهنجي لاٽ ٽيندس؛
ڪيئن ڇٽجي ڪيستائين؟
رات رهندي جيستائين
تيستائين
آءُ تو لئه وات تي چمڪات ٽيندس،
آءُ تنهنجي لاٽ ٽيندس
آءُ تنهنجي لاٽ ٽيندس.

Gul Hayat Institute

ڪاري رات ڪڪر ڪوٺن تي
سانوڻ جا وسڪارا ڪن ٿا،
ڪو دَم مينهن وڃي ٿو بيهي
ٽم ٽم، ٽم ٽم تارا ڪن ٿا.

ٻاٽ انڌاري ۾ مان پنهنجي
ٻانهن پيو ڳوليان اي ساٿي!
تون جو ٻئي ڪنهن گهر ۾ خوش آن
توکي ٿو ڦوليان اي ساٿي!

ڪاري رات ٻهاڙن جهڙي
آءٌ اڪيلو جهاڳي ويندس،
بادل برسي ٿڪبا ۽ مان
پنڌڪي کي پيڙو ٿيندس.

تون جو مون کي ٻانهن نه ڏين ٿو،
جيڪو گهرُ پنهنجو سمجهين ٿو
ساٿي! سو گهر تنهنجو ناهي؛
اهڙو وقت به ايندو توتي

ڪاريءَ رات ڪڪر ڪوٺن تي
جڏهن ڪندا تو وٽ گجگوڙون،
پنهنجي گهر کي ياد ڪندين تون؛
پر اُن جا دروازا کولي
توکي سڏ نه ڏيندو ڪوئي.
توکي سڏ نه ڏيندو ڪوئي!

Gul Hayat Institute

●

ٿوري ڪيئي سال اسان آ
هڪبئي لئه واجهايو ساٿي،
تون هاڻي ڪجهه دُور لڳين ٿو
لايو ناهه سڄايو ساٿي!

تنهنجا پارَ اسان جا ناتا
هاڻيِ ڪونه سُڃاڻيِ سگهندا،
هيءَ تاريخ نِڌوري آهي
ليڪن هُو ته نه ڇاڻي سگهندا!

ڇا ڪاڏيِ ڪنهن وقت رَڙور ڙ
هن ڌرتيءَ کي ڇرڪائيندي؟
يا هيءَ سانت وَسيهر وانگر
ويندي هر شيءِ ڳرڪائيندي؟

آءٌ ڪنڌيءَ تي ويٺو سوچان
ڇا ڪوئي طوفان نه ايندو؟
جيڪو ٻيئي پارَ ملائي
ڇا اهڙو انسان نه ايندو؟

ڏاڍي دير لڳي وئي آهي
سڀ دروازا بند ٿين ٿا،
پوءِ به ڪي ڪي ڏيئا آهن
جي ڪجهه ٽمٽم لاٽ ڏين ٿا.

Gul Hayat Institute

ڏرتيءَ تي راندڪن وانگر
سپنا سارا پکڙيل آهن،
چوڌاري گهرگهر ۾ ڪيئي
تو مان پارا پکڙيل آهن.

---

Gul Hayat Institute

ڪيئي لَڪ“ لنگهيا آهن مون
اي پرڏيهي!
منهنجي پيرن منجهه لڦون يا
نيل ڳتيگن ۾ تارا آهن!
(ڇا ڪو اهڙو پانڌي آهي
جنهن کي پير نہ پيارا آهن؟)
هاڻي ڪنهن پٿر تي ويهي
پنهنجا ريتا پيرَ ڏسان ٿو
۽ هي ديهي
ان تي سڀ انڌير ڏسان ٿو
اي پرڏيهي!
منهنجا وارَ چِٽيِ ويا آهن
منهنجي ديد نہ آهي ساڳي
ڪائي عيد نہ آهي ساڳي؛
اڄ مان جهوني ٻڙ وانگر هان
جنهن تي سَو طوفان لڳا، پر
اُن کي ڪونہ سگهيا ليٽائي؛
موت مگر خاموشيءَ سان ٿو
مون جهڙن هر ڪنهن کي ميٽائي.

Gul Hayat Institute

●

ٻيو نہ هجي پر منهنجي ڪيڙو تہ

تو لئہ اهڙو ڪارڻ آهي

جنهن جي لاءِ اچين تون موٽي؛

تنهنجي منهنجي وچ ۾ وڇوٽي

ڇاڙين ٿو تہ اجائي آهي؟

پر تو اڄ اپنائي آهي

مون بن ڇڻ ٻي ڪائي ڏرتي؛

مون کي تون جنهن وقت پڙهين ٿو

سوچين ٿو تہ وسامي وينديو

هي نہ هوا ۾ ٻارڻ آهي،

پر هي اهڙو ڪارڻ آهي

آنت سمہ تائين هلڻو آ

تيستائين ڌرتيءَ تي جلڻو آ

جيسين ٻاک پلاري ڦٽندي،

جيسين رات انڌاري ڪٽندي.

Gul Hayat Institute

ڏورُ بـــہ ڏِسُ ڏِسيئـڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

تو لئہ پيو ڪو چارو ناهي،
پيو تہ ڪٿي نيتارو ناهي.
ڏڳ اهوئي آهي جنهن تي
ڇنڊ وجهـي تـنو ليئڙا !
ڏورُ بـــہ ڏس ڏِسيئــڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

سورِ ڪَ چــار ڪلونا ناهي،
ويٺو آهين ڇــا ڪي ڇــاهي؟
ڏَنّ سوا پيو تو وٽ ڇاهي؟
مـون وٽ ڪيــڏا ڏيئــڙا !
ڏورُ بـــہ ڏس ڏِسيئڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

هي جو اُجرو آنّ ڏسين تو.
ڇا اهڙو ڪو ڏَنّ ڏسين تو؟
هن ڌرتيءَ جي مٽي آهي
ســونَ جيــان سانگيئــڙا !
ڏورُ بـــہ ڏس ڏِسيئــڙا !
ماڳ اسان جو ساڳو آهي.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

ٽِنگَرڙا! تون ھي واريءَ سان
ڪنھن جي لاءِ اڏون ٿو ڏاھين؟
ھو چوڏس جو چنڊ ڪڙو آ
ڇا، جھي آن سان ساٿ نباھين!

ڇا، تون پنھنجي ڪارونجھر ڪي
ساري رات وساري سگھندين؟
ھي واريءَ جو کيل رچائي
پنھنجي گھر کي واري سگھندين ؟

Gul Hayat Institute

ھيءَ گھٽي جا دور ڪيئي ڏيتي
دورُ افق جي سيني ۾ چڀيل خنجر وانگر،
اُن ۾ ھيءَ تنھنجي گھر ڏانھن ڏگر
شايد ڪاٿي جاءِ لڳي ٿي،
پر ٻئي ڪنھن جي لاءِ لڳي ٿي.

تون ته اڃايو ويٺو آھين،
اُن وٽ ويھي ڇا ٿو چاھين؟
دور اُفق جي سيني مان جو
خون وھي ٿو،
اُن کان اڳ ۾ جو تو ٿانئين
پھچي، تون جيڪر ڳالھائين
مون کي پنھنجي سوچ ٻڌائين؟

ھي گھرُ جنهن جي تنھنجو ڏي آھي-
اُن ۾ ٻيو ڪوئي آھي،
اُن کي حاصل ڪيئن ڪندين تون؟
اُن کي حاصل ڪيئن ڪندين تون؟
اُن کي حاصل ڪيئن.. ڪندين تون؟

Gul Hayat Institute

نينگرڙا! ڇو واتَ وساري
آ تو پنهنجي ڪاروَنجهر جي،
جنهن تي مورَ ٽهوڪا ڪن ٿا؟
اهڙي ريت ته ناهي ٿر جي!

نينگرڙا! تون هي واريءَ مان
ڪنهن جي لاءِ لڏون ٿو ڏاهين؟
هو ڇوڏس جو چنڊ ڪڙو آ
ڇا جهي آن سان ساٿُ نباهين!

هي جو گهر ڪي لوڙهو آهي،
تو تي ڪائي روڪَ ته ناهي!

ڏينگهر تون ڪنهن وقت هٿائي
آن مان جي ايندين ته چڱو آ-
هو ڇوڏس جو چنڊ ڪڙو آ!
جو گهر ڏي تو واتَ پسائي،

ڇا تون پنهنجي ڪاروَنجهر کي
ساري رات وساري سگهندين؟
هي واريءَ جو کيل رچائي
پنهنجي گهر کي واري سگهندين؟

Gul Hayat Institute

●

ماڻهو چنڊ تي ويو آهي
تون ته اُتي ئي بيٺو آهين!
ڌرتيءَ تي دنبور وڄائي
ڇو، تون آخر ڇا ٿو چاهين؟

ڪنهن به گهڙوليءَ واري تنهنجي
ڪابه ڳجهارت ڪانه سلي آ،
ايئن به ناهي ڄاڻي واڻي
هن توکان ڪا ڳالهه لڪائي آ.

هن وٽ جو ڪچڪول به آهي
هن توکي سڀ آڇيو آهي،
هر ڪوئي اسرار ازل جو
ڇڻ ته لڪو اوگهاڙيو آهي.

تن ۾ ڪابه نه معنيٰ ناهي
هي جي تن جون ڪافيون آهن:
تو وٽ جو ڪجهه ڪونه رهيو آ
تنهن جي لاءِ تلافيون آهن.

هي تن جا ڳنڍ ڳاڻ وارا
چانڊ اُنهن اٺڄاڻن کهڙي؟
سنڌ ڏسي به نه ٿا هُو سمجهن
پينگ وسهي ٿي پاڻن کهڙي!

Gul Hayat Institute

چاڙهين ٿو ته اڇوڪو ماڻهو
دنيا ۾ ڇا ٿي ويو آهي؟
تون ته آٿي ڏي بيٺو آهين
ماڻهو چنڊ تي ويو آهي!

---

Gul Hayat Institute

●

آٿ تہ ٻاهر ڏسون ڇا نہ گھمسان آ!
يا تہ برسات آ يا تہ طوفان آ!

هي اُنر ۽ ڏکڻ ڪيئن تا گڏ گھلن؟
ڇا نہ امڪان آ! ڇا نہ امڪان آ!

ظلم مغرور آ ظلم مسرور آ
نيت مفرور آ نيت نادان آ!

قهر آ شهر آ؟ يا رڳو زهر آ؟
رات جو پهر آ چنڊ حيران آ!

اي 'اياز' اڄ ٽري يا سڀاڻي ٽري
وقت قاتل جيان ڪوئي مهمان آ.

Gul Hayat Institute

ڇا رڳو فهرست ۾ تون نانءُ ٿيندين
يا هتي پيرا ڇڏيندين
ايترا، جو ڪوبہ پيو پيرو نہ هوندو!

تون بہ هرڪنهن جئن ڪناري ڏانهن ايندين،
وقت ڪنهن درياهہ جئن ڇوليون هڻي
اوچتو توکي ڪڏهن ويندو ڪٽي.

ڇا هتي پيرا ڇڏيندين
ايترا، جو ڪوبہ پيو پيرو نہ هوندو؟
ڇا سدائين لئہ لڏيندين؟

تون وري پيھر ڪناري تي نہ ايندين؟
نيٺ هي درياهہ ٿيندين؟
ڪوبہ پيو پيرو نہ هوندو،

Gul Hayat Institute

۽ هتي پيرا ڇڏيندين
ايترا، جو پيو بہ ڪو پيرو نہ هوندو؟

———

●

هڪڙو ماڻهو ڪافي آهي
جي هُو سچ چوي ٿو،
هڪڙو لکش ٿمي ٿو.

سچ اهو ٻوٽو آهي، جو
هڪڙي هنڌ ڪِرڙي ٿو
۽ پو پنهنجا ٻج پکيڙي
گهر گهر منجهه ڦِرڙي ٿو.

ڇا جي تنهنجو ساٿي ناهي
ساٿي نڪري پوندو!
تنهنجو سچ هنڌائبندو، پو
ساري جڳ کي ڇوندو.

سچ جي لاءِ صليبون ماڻهن
اڳ به ناهيون آهن،
تون نه اهو چائين ٿو، سي تو
اڳ به چاهيون آهن.

Gul Hayat Institute

●

آدي ۽ جو خونخوار درندا
تنهنجي دَرَ تي چنگھاڙن ٿا،
تنهنجو تن تہ هڏائُون پڃرو
تنهنجو مَن چيرن ڦاڙن ٿا؛
گَھري ننڊ سُتو پيو آهين
هُو تنهنجي چُرپُر تاڙن ٿا،
تنهنجيءَ هر هُرڪُر تي توڏي
ڪنڌ اچانڪ هُو لاڙن ٿا،
۽ سوچن ٿا، ’هُن جي تَن ۾
’اڄ تائين ڪو ساهہ رهيو آ؟
’اهڙو ڪو ويساهہ رهيو آ
’جيڪو دنيا کي اڳ وانگر
’اڄ بہ بدلائڻ چاهي ٿو؟
’جو موجودہ کي ڊاهي ٿو
’جو مستقبل ڏي ڪاهي ٿو؟
’جيڪو سَچ ’چيو آهي هُن
’اُن ۾ ڪو آتساهہ رهيو آ،
’جو خطري جو باني آهي؟
’اهڙي ڪابہ نشاني آهي،
’جو هن کي پيڙيون پارائي
’پيهر قيد ڪجي پڃرَ وانگر!‘

———

Gul Hayat Institute

●

ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

خاموشي بيءَانت سمندر
جنهن جو ڪو ترِاڪُ نه آهي،
جي معنيٰ جا موتي، تن جو
هرڪوئي هيراڪُ نه آهي،
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

روز سياست تي به گهٽوئي
تن جي گفت و شنيد ٿئي ٿي،
پوءِ به آهي نابين، انهن جي
ديدَ بظاهر ديد ٿئي ٿي!
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

پوءِ به ڪنهن آمر جي اڳيان
سَچّ چوڻ کان لهرائن ٿا،
'ڪو آهي جو سَچُ چئي ڏي!'
هڪٻئي ڏي هَو واجهائن ٿا.
ماڻهو ڪيڏو ڳالهائن ٿا!

آهي ٿورا حرفَ حقيقت
جي اُن ۾ اُلجهاءُ نه آهي؛
سَچُ بنهه آسان ٿئي ٿو
پر جي سَچُ چوڻ ڪو چاهي!

---

Gul Hayat Institute

روز جهولو لڳي روز پيرون پچن،
شال مارو اچن! ﺷﺎﻝ ﻫﺎﺭﻭ ﺍﭼﻦ!

هو ڏسو! هو ڏسو! ڪيرڙر تي ڪڪر
دور آڪاس ۾ اڄ وڇون ٿيون نچن!

مينهڙا ڏينهڙا شال ٿيري وچن!
مَڌُ وانگر اچن، جي هوائون اچن!

موت سان فوت سُپنا نه ٿا ٿي سگهن
جيئن ماڻهو مرن تيئن ميڻهو مچن.

ابر جو سات ُ ڏي، تو اچي، تو اچي
هي نه آڪم ڪچن، ڪير ڏسجي بچن!

اي 'اياز' آدمي ٿو مري هون ٿو پي
ڪو نه ڪنهن کان ڊنا سچ ڳاتو سچن!

Gul Hayat Institute

زندگي! دؤر جي قيد ۾ نه رهان
صبر هاڻي نه آ، ڇپر ڪيئن سهان؟

گھنڊ مون لاءِ ڪنهن ڏير کان ٿو وڄي
قافلو ٿو ڪٿي، مان به تنهن سان ڪٿهان

ناءُ منهنجو به تون، ٿانءُ منهنجو به تون
آءُ تو کان سوا ڪو نه هان، ڪو نه هان!

تون ڪڏهن ٿي اچين مينهن جي ٻوند جئن
سپ وانگر پيو مان وڇوڙو سهان؟

اي 'اياز' اڄ ڪٿي چنڊ جهڙو پرين
ڪاش هن ڪي ڪٿي آءُ ڳنولي لهان!

Gul Hayat Institute

●

ائين لڳي ٿو اي آزادي!
هُو توکي جنهن وقت ڏسن ٿا،
منهنجا نيڻ وري ساڳيئي
سپني سان سُرٻاٽون ڪن ٿا!

نيٺ ته ساڀيا ٿيڻي آهين
تون جا سپنو آن اڄ تائين،
تنهنجي لاءِ ترڪيندا رهندا
وَر وَر منهنجا نيڻ سدائين.

ڪير ڇوي توکي ڳوليندي
منهنجي عمر اجائي ويئي!
ڳولا خود به ته آزادي آ
ساري عمر سجائي ويئي.

Gul Hayat Institute

●

منڊلي تارن ڀريي آڪاس جي
ڪيترو چڪتاڻ ڪان آهي ڀريي؛

ٻهڙ وايوءَ تي ڏري
* چڙهه مها مايا وڃي ٿي!

ڪي ٻه ڏرتيءَ تي ڌماڪا ڪونه آهن
واءُ ۾ ڪنهن جا ٻه واڪا ڪونه آهن!
* جافنا ۾ چڀُ چوڌاري ڀُري ٿي
چڙهه ته پنهنجيءَ سوچ ۾ آهي ٻُڏل
ٻڌ اڄ ڏاڍو لڏل!
'ڪجهه ٻه ڪنهن کي تياڳ مان وڙتو نه آ!
'چڙهه هتي ڪوئي پُسون مرڻو نه آ
'گوليءَ بڻان
'رت جي هوليءَ بڻان،
'ڪو بسنت اڇڙو نه آ
'ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ جو
'اڻئن انت اڇڙو نه آ!'

---

* مها مايا ـــ ٻڌ جي ماءُ
* جافنا ـــ سريلنڪا ۾ اها جاءِ جتي دهشت پسند
تامل فوج کي آڪٽوبر ١٩٨٧ع ۾ شڪست ملي.

Gul Hayat Institute

●

ڏَرَ ڏَتِي! ڏَرَ ڏَتِي! جاءِ ڪٿي ڏِنڏي!
ڏاءُ ايڏو ڏَڌِي، ڏاهُ ايڏو ڏَڌِي!

آءُ، ڏو لءِ اچا منتظر آهيان
ڇا وَٺِين ٿون ڇڏي؟ تو سدائين لڏي؟

ٿون بہ آهين اَڃڻو پيءُ هُن ڏانوَ ۾
نم جهي ڇانوَ ۾ وِيهہ گوڏو گڏي!

هي عدم ڏي قدم روڪ اي همسفر
هيءَ ڌرتي نہ ڏِي پيرَ تنهنجا ڇڏي!

اي ’اياز‘ اوچتو سنڌ ٻڙڪي پئي
آگ ٻيئي ٻري، آگ پيئي سڏي!

---

Gul Hayat Institute

●

تنهنجي مُنهن تي ڪِري آهي
ٻاڪ جتي ٻہ ڦٽي ٿي، تنهنجو
ديس آهو جتہ ويري آهي؛
منورتي ڇا ميري آهي.
ٻئي جي اوجلِ مُکڙَ تي پيئي
اڳ ۾ ڪان ٻہ انڌيري آهي.

تنهنجو وَسُ پُڄي تہ سپيئي
سڄ سُنهرا ديس مُڙئاڻين!
توڪي گهُرجي رات، پيو تون
ڪنهن ڇمڙي جئن پَر ڦڙڪائين!

پر هيءَ رات تہ پوري ٿي آ
اڄ ٻاڪ پليري آهي،
ڏنڌُ گهٽوئي آ، پر نڪتي
ڪائي ريکَ اڇيري آهي.

Gul Hayat Institute

●

منهنجي ذات اڄان به ته آ ڪنهن مرهم وانگر
تنهنجو چـمڻ، اُنهي چم وانگر
جنهن ۾ ڪنهن خنجر ڪوڙيو آ-
ڪيڏو گهاءُ ٿيو آ توکيءَ، تو لوڙيو آ!
تو مان آءٌ ڇڪي خنجر جنهن وقت ڪيان ٿو
مرهم مرهم گيت چوان ٿو،
تون ته ائين مون ڏانهن ڏسين ٿو
برهم ٿين ٿو
مون تي ساري رات رنبين ٿو
ڇڻ هي خوني خنجر جيڪو
تنهنجي جيءَ اندر پيٺل آ
تنهنجي ڇاتيءَ ۾ ويٺل آ
تنهنجي ئي دل آهي
تنهنجي ئي دل آهي.

Gul Hayat Institute

عمر تون منهنجي گھٽائيندين ته ڪونه!
ماڻ هزارين سال هان.

مان اڄنتا کان به اڳ ۾ هان، ڇتائي تو ڏٺو نه،
مان هزارين سال هان.

ڇونه مان آزاد ٿيندس، جي رهڻ چاهيان ته ڇونه!
مان هزارين سال هان.

پائيپيءَ جو واهپو مون سان آڻيو ڪوئي ڪيو نه،
مان هزارين سال هان
مان هزارين سال هان.

Gul Hayat Institute

سرد ڏاڍي آهه رات
آڳ اڄ پرندي رهي
برف وانگر آ ڄمي وئي بات جا آئي به وات،
سرد ڏاڍي آهه رات
آڳ اڄ پرندي رهي.
تيرگيءَ تيرگي آ، تــي اُجهامــي ڪائنات،
سرد ڏاڍي آهه رات
آڳ اڄ پرندي رهي.
ڪنهن جتهن ۾ مسان متان، جرڪي پئي هي شش-جهات!
آڳ اڄ پرندي رهي.

---

Gul Hayat Institute

هُو چون ٿا هيئن ڇَو
مان چوان ٿو 'ائَن نه چوندس'
زندگي گذري وئي ڪنهن جو ڪيو مون ڪونه ڀَو،
آڳ جــو مـــون ۾ اچا تسائين اُهوئي آهــ تَوءُ،
جا چوي ٿي، 'جي پتنگ آهين ته مون ۾ پاڻ پـَوُ!'
هُو چون ٿا هيئن ڇَو
مان چوان ٿو 'ائن نه چوندس.'

Gul Hayat Institute

تانتيا ٽوپي اڄان
مون اڳيان لنگهي پيو،
هي ته ممڪن ناهه مان ڪنهن سامراجيءَ کي ميڃان،
اوهه آزادي! اڄان مان ڪونه ٿـو پيرو پڇان!
سرُ ڏيڻ تي اڄ به آ، تنهنجي گليءَ ۾ ٿو وڃان
تانتيا ٽوپي اڄان
مون اڳيان لنگهي پيو.

---

Gul Hayat Institute

●

’دنيا ڏيوندڙ تي طالب ڪُتي‘
بُلـّي شاهه گهٽائي آهن،
مون کي مُهر ڇپن تي آهه جو
تن مان ڪي پنهنجائي آهن.

قلم جيان ڪائي به امانت
ماڻهوءَ جي ورثي ۾ ناهي،
آ جنهن جي تاريخ لکي وٺي
تنهن ساري عرصي ۾ ناهي.*

اهل قلم پنهنجيءَ ڌرتيءَ تي
جي به پيمبر ٿيندا آهن
دنيا کان ڪجهه وٺندا ناهن
دنيا کي ڪجهه ڏيندا آهن.

ادب طوايف واگر نڪري
پنهنجو پاڻ جڏهن وڪڻي ٿو
ڌرتيءَ تي انڌير ڏسي، پو
ان کي ڪو غصو نه اچي ٿو

* ورثو ۽ عرصو- ٻئي هم قافيه لفظ آهن ۽ انهن جو قافيي طور استعمال مان جائز سمجهان ٿو. سنڌيءَ ۾ س، ث ۽ ص جي اُچار ۾ ڪوئي فرق نه هوندو آهي.

Gul Hayat Institute

پنهنجي خاموشيءَ ڍي شايد،
آنکي ڪوئي شرم نہ ٿئي تو.

شرم وڏي شيءِ آ ٻاڏهوءَ ۾
شرم نہ آهي ڪجهہ بہ نہ آهي؛
هيءَ ٻيءَ ڳالهہ طوايف وانگر
جي ڪوئي دنيا کي چاهي،
پنهنجي ڪوڙي سڪت جي ڪارڻ
ڌرتيءَ سان لاڳاپا لاهي!

---

Gul Hayat Institute

نانءُ تہ هن جو 'آجو' آهي
هن جي ذات 'ڪتوهر' آهي
هن جا مائٽ هاري آهن
هيءُ انهن مان لوهر آهي.

روز اهو بندوقون پلٽي
ٻهراڙيءَ کي پهچائي ٿو:
مون هن کي خاموش ڏٺو آ
لوڪ ڏسي هو لهرائي ٿو.

ڪاري رات رليءَ جهڙ پائي
ننڊ جڏهن سنسار ڪندو آ،
هن وٽ ماڻهو ايندا آهن
جن سان هي واپار ڪندو آ.

ڪنهن جي لاءِ ڪمائي ٿو هو
هن جي ٿي تہ نہ ڪا شادي آ!
هن جي ڪا محبوبہ آهي
جنهن جو نالو آزادي آ.

Gul Hayat Institute

●

منهنجا گيت پڙهائي تنهنجي
جنگ پيا جوڙن.
تو وٽ جو دنبور هيو، تو
ڪالهه تعصب جي سر تي ڦهڪايو هو.
تو جا وائي ڳائي هئي
بيت به جيڪو ڳايو هو
سنڌ ديس جي ڌرتيءَ تي ڦهلايو هو،
اُن ۾ ڪائي جنگ هئي؛
ڌرتي ڪيڏو تنگ هئي،
ڪالهه تعصب وارن کان
تن ڪڪيءَ جي ڪارن کان
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي من ۾ جن ڪا بدبو ڦهلائي هئي؟
ڪلهه جا تنهنجي وائي هئي
تنهن ۾ ڏين سان جنگ هئي؛
ڌرتي تنهنجي سنگ هئي
رڳ رڳ تنهنجي رنگ هئي،
هُوءَ جا تنهنجي جنگ هئي
سا اڄ تائين جاري آ.

Gul Hayat Institute

●

هي ڇؤنرا جي ڇانئوڪيءَ ۾
ڪاري ٿر تي ويٺا آهن؛
پنهنجا پنهنجا ڏڪَّ لڪائي
ٻار ٻڪايل ڇاتيءَ لائي
ربَّ رُڳيءَ لئه آتا آهن،
ڇنڊ آنهن لئه ڪا شيءِ ناهي!
ڪيڏي سونهن سمهي پيئي؛ پر
مِنڊُ آنهن لئه ڪا شيءِ ناهي!
ڪِڏونيت پنهنجي جهولَ جهلي ڇَنُ
برکا رُت کان ٻيک گهُرن ٿا!
اڄ ڪوئي آواز نه آهي
سَنَّ به ايڏي، ڪَنَّ ڪِرن ٿا!
پر ڪنهن وقت ٻڪايل ابهم
جاڳائي ٿو ٻُک وگهي گهَرُ
ڪير ٻنان جي ٿڻ لڙڪن ٿا
چوسي ٿو ڪنهن ڪُتڙي وانگر
چَڳڙن جي ڇنڇار اچي ٿي
جيسين، تيسين گونجي ٿو ٿَرُ

Gul Hayat Institute

⊛

دردِ محبّت ڇا ٿيندو آ،
دردِ محبّت تون ڇا ڄاڻين؟

ڪنهن جي عارض و لب جي دوري
ناهه ضروري،
پيو به ته ڇا ڇا ٿي ايندو آ
۽ دل کي تڙپائيندو آ؛
دردِ محبّت ڇا ٿيندو آ،
دردِ محبّت تون ڇا ڄاڻين!

وڻ وڻ سان وهنوار ٿئي ٿو
پيار ٿئي ٿو
ڇڻ ته ٻُسيون ۽ پيرون منهنجا
پيئر آهن، پائر آهن،
* تنهنجا گِتِنل گُولر آهن
جن کي دور ڇڏي آئين تون
۽ جنهن وقت لڏي آئين تون
وات وات تي ڪائي گهِٽي
ڇڻ ڪا مِٽي
تنهنجي پيرن کي ڇنبڙي ٿي،
دور ڇڏي آئين تون تنهن کي

* گِتِنل ۽ گولر — هندستان جا وڻ جي ڦل ڏيندا آهن.

Gul Hayat Institute

ڏور لتاڙي
پنهنجي اندر جي ماڻهوءَ کي
چيري ڦاڙي،
ڪنڌُ نه لاڙي؛
منهنجي پاڙي
ڪائي زخم درندي وانگر
چنگهاڙيو تو،
رَتُ پئي مُنهن مان ڳاڙيو تو،
ڪيئي سال ٿيا آهن، تو
پنهنجو رتو زَتُ مُڻهاندو
ڏوٺو ناهي
ڪارو ڪارو رَتُ اڃا ڪنهن
تنهنجي مُنهن تان لاٿو ناهي!
هاڻي ڇا تون منهنجي پاڙي
دردِ محبت کي ٿو چاڙهين؟
ڪهڙن ڇنڊجي!
او ڪهڙن ڇنڊجي!!

Gul Hayat Institute

●

سنئين لڳين ڪوئي بہ تہ ناهي، هرڪو آهي گھيري ۾
کھڙا ٿــو سوداءَ پڇائين ويهي * 'مير' انڌيري ۾
اُڌري آڌري ٽڪجي پــوندين پنڇـي روز پٽوڙي پـر
تنهنجو سپنو ڪٿي بہ ناهي، ڇڻ ڪنهن سانجھہ سويري ۾!
تـاڪ لڳايئہ نـرڙُ سڄايئہ، هٿُ وڇـايئہ مـٿ ڏسي،
پر ڪنهن جاتَ آسات نہ لاٿيئہ ڇيڙي اڏين ڏي ڇيري ۾!
ڪچي آ ديوار، ڪڏهن هي ڦهڪو ڪاڏي ڪرٽي آ،
ڪيڏو ٿـي مضبـوط لڳـي، پـر دنيا تيري ميري ۾!
پنهنجا پنهنجا ٻـــول ٻڌائـي، پـر ڦهلائـي آڌري ويـا
تـــو وٽ ڪالھہ پرندا آيـا جـي تنهنجي آکيري ۾!
رات پئي برسات، هـوا جـو ڇا تو ڪوئي شور ٻڌو؟
وڄ وراڪا ڇـڻ ڪاڏا ٿـي، لاٽ وسائي ديـري ۾!
اُنـر ڪـان هـالار مٿان، ٿـو ڪيڏو ڪارونڀار اچـي!
ڏڪـڻ ڏانهن هلي آ اُڌري، ننڊ نـــہ ڪر واهيري ۾.
پنهنجي جوت جلائڻ وارا، سڀ نڪري ڪيڏانهن ويـا
ايـڏي رات اياز گذاريئہ ڪنهن جـي لاءِ انڌيري ۾؟

---

* 'مير'ــ اُردو جو شاعر مير تقي مير. هي غـزل اُن جي مـُر ۾ آهي.

●

سنڌوءَ جو پاڻي .تہ مِٺو آ،
پر مون سُپنو ڪونہ ڏٺو آ،
ڇاڙان ٿو تہ ڪڏهن منهنجو ڪِو
* ديس هُيو ڪاويريءَ تي.

چنڊ هتي بہ اُهوئي آهي
جيڪو منهنجي ڳوٺ مٿان هو
ڇئن نہ آ پر چانڊوڪيءَ ۾
چنڊ هِتي ڪيڏو نہ اُداسو!

ڪونجون هِت بہ قطارون ڪن ٿيون
پر ڪوئي ڪُرلاءُ نہ آهي!
تن جي لاءِ اُڌار ڪٽن آ
ڇو تہ سڌائو واءُ نہ آهي.

سِجُ هتي جي تاءُ ڪري ٿو
ڇانوَ وڻن جي ساڳي ناهي؛
جنهن جا گيت هجن جهـُڙ جهڙا
اهڙو ڪوئي راڳي ناهي.

منهنجي ڌيءَ تہ هت جائي آ
تو جئن ڳالهائيندي آهي،
ڇڻ تہ شفق جئن لڳندي آهي
جي کهنبو پائيندي آهي؛

Gul Hayat Institute

ڇا، آن ڪي ويساهه به ايندو
تنهنجي باک پليريءَ تي؟
سچ ۾ ائين ٿي هن جو هوندو
* جئن منهنجو ڪاويريءَ تي؟

---

* ڪاويري ـ نديءَ جو نالو.

Gul Hayat Institute

ٽتر پولڙو
پڃري ۾ ڇو پالين ٿو؟
پڃري جو دروازو کولي
آنکي ڇونہ اڏارين ٿو تون
جيئن هوائن ۾ هو پولي؟

ٽتر پولڙو
ڪنبڊيءَ ڪامُن
ساين لامُن
تي خوش هوندو آهي؛
ٽتر پولڙو سوا خدا جي
ڪوبہ نہ سگهندو ڏاهي.
انکي ڇو ناشاد ڪرين ٿو
ڇو نہ ڪڏهن آزاد ڪرين ٿو؟

Gul Hayat Institute

ماڻسروور مان جڏهن سنڌو
وهندي ايندي آهي،
پوءِ ڪراچيءَ تائين پهچي
ساگر سان هڪ ٿيندي آهي،
تنهنجي لاءِ ڪويتا منهنجي
اِئن ڳائيندي آهي؛
شال اُنهيءَ جو پنڌ سُڃاڻين!
شال ڇڳيءَ پر تون هي ڄاڻين،
ماڻسروور ڪانهِ هجي جيءَ
سنڌو ڪجهه به نه آهي
سنڌو ڪجهه به نه آهي.

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

رات پُر ڪائي پُڪار
جڻ سڏيندي ٿي رهي!
”آٿ! آٿي لڪ! آٿ آٿي لڪ! جي ٻه آهين ڏينهن چار،
”اوچتو مهمان ٿئي ٿو، موت تي ڪهڙي سيار!
”ڪو نديءَ جو آنت ناهي، ناوَ ٻڇڙي آهه پار،
”روز پوئين رات آهي، عمر پنهنجي ايئن گهار!
رات پُر ڪائي پُڪار،
جڻ سڏيندي ٿي رهي!

Gul Hayat Institute

●

اڄ تون مان ٻن شعلن وانگر
هڪٻئي منجهه سمايا آهيون؛
ڪيڏو دور پرائيءَ ڌرتيءَ
تي هئن ويجهو آيا آهيون!

دل ته چوي ٿي سارا ويڇا
ياڪر پائي رکش ڪريون ها،
سانگ سياست جا آهن جي
تن کي ڪانا ڪکش ڪريون ها!

ڪيڏي اڄ اسان ۾ آ، پٽر
چاهيون ٿا ته به ڪونه ملون ٿا
ڇا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي
چونه ملون ٿا؟ چونه ملون ٿا؟

سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
توکي مون کي آيا آهن،
هن دنيا ۾ ڪيئن نه پنهنجا
هڪٻئي لاءِ پرايا آهن!

هي سوچي افسوس ٿئي ٿو
هرڪنهن کي پنهنجي ڌرتي آ!
پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ به ويڙا
ڇا ڪنهن دنيا ۾ ورتي آ؟

Gul Hayat Institute

●

ڪٿڻين ٿو ڪاتارَ
ڇا توَن پنهنجي مـَنَّ ۾؟

منهنجا مارو ڪيترو
رهندا مونکان ڌار؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي مـَنَّ ۾؟

منهنجي ويڙهي ۾ وَڙي
ٽِڙندا ڪڏهن ٽارَ؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي مـَنَّ ۾؟

ڦـَرندا پـَٽَ ملير جا،
ڏوئرن پـَريا ڏارَ؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي مـَنَّ ۾؟
مون جو ڇاهيو سو ڪڏهن
ڏيندين تون ڏاتارَ؟
ڪٿين ٿو ڪاتار
ڇا تون پنهنجي مـَنَّ ۾؟
ڇا تون پنهنجي مـَنَّ ۾؟
ڇا تون پنهنجي مـَنَّ ۾؟

Gul Hayat Institute

ساٿ پنھنجي ٿـو نڀيان
اي چنڊ! تنھنجي ناوَ ڪيءِ
پاڻُ دنيا کان ڪسي ٿو پاڻ کي واپس ڏيان،
ساٿ پنھنجي ٿـو نڀيان
اي چنڊ! تنھنجي ناوَ ڪيءِ
ٿانءِ پنھنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيترو ٿو مان ٽپاز!
ساٿ پنھنجي ٿـو نڀيان
اي چنڊ! تنھنجي ناوَ ڪيءِ
ٿي وڃي هيءَ ناوَ اڳتي ڪنھن ڪپر تي هوريان،
ساٿ پنھنجي ٿـو نڀيان
اي چنڊ! تنھنجي ناوَ ڪيءِ
ڪاش! تنھن ڪنڌيءَ لڳان، تو آءٌ جنھن جي لاءِ جيان!
ساٿ پنھنجي ٿـو نڀيان
اي چنڊ! تنھنجي ناوَ ڪيءِ

Gul Hayat Institute

●

اهڙو وقت اچي ويو آهي

جڏهن خدا پيهر سوچي ٿو،

’ڇا مان هيءَ تخليق مٽايان؟

هر شيءِ منهنجي وَس ۾ آهي

ڇا مان هي زنديق مٽايان؟

جن مون کي چٽ ڀاتو آهي.

آءٌ ازل جي تهخاني ۾

جيڪي مٽ لڪايا آهن

سي هي چٽ پي آيا آهن

هرڪوئي مدماتو آهي!‘

پر سوچي ٿو،

’هي نہ رهيا تہ ڳجهارت منهنجي

ڪير سلجهائيندو؟

ڪوبہ هنن جهڙو ناهي جيڪو

ڳاهون ڏيندو؟‘

پو ڪجهہ سوچي، مُنهن موڙي ٿو،

وقت اچي ويو ڪو ٻوڙي ٿو

خواب حياتيءَ جو ٽوڙي ٿو.

---

Gul Hayat Institute

●

ڇا آھا ڳهڙي آئي
خواب زندگانيءَ جو
جنهن ڳهڙيءَ ڏٺو آ؟

ڇا آھا ڳهڙي آئي؟
شاعريءَ جو پورهيو
ڇا اياز ڪٿو آ؟

گيت مات ٿي ويندا
ڪي صديون اڳي وانگر؟
سِنڌ چُپ ٿي ويندي؟

شاعريءَ جي وَلِ تي
رات جو لڪي شبنم
بيحساب روئيندي؟

نيٺ ڪُل ڏِڙي پوندا
خواب زندگانيءَ جو
اوچتو جُڙي پوندو؟

مون جيان نئون شاعر
نيٺ گيت ڳائيندو
سلسلو جڙي پوندو؟

Gul Hayat Institute

٭

ڪنهن ڪتاب وانگر اڄ
در کلي پيو آهي،
باغ يادگيرين جو
سانوٽيون سميٽي ڄڻ
اڄ جهلي پيو آهي!

ياد ٿيون اچن مون کي
ڪيتريون نه دل واريون!
راتڙيون گذاريون جن،
ڪالهه منهنجي پانهن ۾
اڄ ڪٿي آهي پياريون؟

ڇپ ڇپ سي ڪٿي آهن
جي ڇهين سا ڦٽندا ها؟
اڄ ڪٿي آهي بازو
خواب زندگاني ۽ جا
جن جي پاڪرين پيئي،
رات پر نه ڪٽندا ها؟

ڪيترا نه گل آهن
مون چني وتا يارو!
پو به رنگ و بو تن جا
ڄڻ اڃان ويا ناهن؛

Gul Hayat Institute

وقت ڪان اڳي آهن
مون پڃي وتا يارو!

شاعريءَ ۾ تن ڪي
تازگي ڏني آ مون،
چنڊ چنڊ کي پنهنجي
چاندني ڏني آ مون
موت ڪان ڪسي تن ڪي
زندگي ڏني آ مون.

———

Gul Hayat Institute

●

نيٺ تن درختن جئن
جي ڪري پيا آهن،
آءٌ ختم ٿيڻو هان؛
سخت پٿرن وانگر
واءُ ۾ هڏا منهنجا
سج چنڊ جي هيٺان
نيٺ ڌوڙ ٿي ويندا؛
نيٺ زندگانيءَ جي
هڪ اڻوٽ حصّي جو،
ختم جو نه ٿيڻو آ
تنهن عجيب قصّي جو،
آءٌ باب ٿي ويندس؛
جو ڪٿي نه جڙڻو آ
سو رباب ٿي ويندس—

يا اِهو رباب آخر
ڪنهن طرح جُڙي پوندو؟
گيت ڪو نئون ڇيڙي
وقت ڏي مڙي پوندو؟
وقت جو آبد آهي
ڪا نئين گهڙي ٿيندو،
موت زندگي ٿيندو؟
مان نه هي رڳو ڄاڻان،

Gul Hayat Institute

پڻ اها، اهي پاڙان!
جيڪڙا ٻه گيت آهن
ڪاش آءُ ڳايان هان،
ٻاغ ٻاغ مان گلڙا
مان چني ورهايان ها،
رنگ رنگ سان تن جي
زندگي سجايان ها،
موت کان اڳي واپون
مينهن جئن وسايان ها،
پيار جي پلئه پيا ها
سي امر بڻايان ها
ڪاش آءُ ڳايان ها!
ايترو ته ڳايان ها
موت کي مٽايان ها!

---

Gul Hayat Institute

●

جيترو گنڀير آهيان
اوترو آسان ناهيان.

زندگي طوفان آهي
موت خاموشي رکيي آ:
زندگي گويا پڪيي آ
تنهن ڀ- واٽي تي جتان ڪو
هيل تائين نانهه موٽيو!
چڙ ته هرڪو جنگ جوٽيو
وقت کان ٿو هارَ کائي،
نيٺ پنهنجي مات پائي؛
ڪير پنهنجي ذات پائي؟
ذات جا اڳتي وڃي ٿي،
ذات جا انسان آهي،
ذات جا طوفان آهي،
ذات جا آخر خموشيءَ تي کٽي ٿي
باهران ڏسجي ته آن جي
موت تي هر لـَي ٽٽي ٿي،
ذات پر اڳتي وڃي ٿي
سڀ صفاتن کي ڇڏي ٿي،
لوءِ ۾ ڪنهن ڏي لـَڏي ٿي.

Gul Hayat Institute

●

دور شفق جي مينارن تان
مون لئه ڪوئي سَڏُ اچي ٿو:

ڌرتيءَ تي ديوارون آهن
پوءِ به مون لئه روڪ نه آهي،
مون دنيا سان پيار ڪيو آ،
پيار مٿان ڪا ٽوڪ نه آهي.

ڪيڏا چَپَ انارن وانگر
جي پنهنجي رَس منهنجي منهن ۾
ڇلڪائي ويا، ياد اچن ٿا!
هي منهنجو آغوش چمن جئن،
اَن ۾ جي گل آيا، اَن کي
مهڪائي ويا، ياد اچن ٿا:
تن جو سنگ ته پيارو آهي
پر مون لئه ڪو چارو آهي؟

Gul Hayat Institute

هي جو مون کي سَڏُ اچي ٿو
دور شفق جي مينارن تان،
جن تي اڄ ڳاڙهاڻ لڳي ٿي
رَتُ ڀڏلَ ارمان هجن جئن!

———

موت تي کھڙي ميار

جئن اچي، جاتي اچي.

ڳالھ، آھي زندگيءَ جي ٽوڙ تائين ميچ نہ ھار!

موت تي کھڙي ميار

جئن اچي، جاتي، اچي.

جو چوڻ چاھين چئي ڏي آھ، چڙھ پوئين پڪار،

موت تي کھڙي ميار

جئن اچي، جاتي اچي.

اوچتو، وچئين ڪري پوندءِ ڪڏھن ھٿ مان سِتار؛

موت تي کھڙي ميار

جئن اچي، جاتي اچي!

Gul Hayat Institute

راتڙي آهي اڃان
تا اڃان مون تي پرن
ڪيترا ڏيئا مٿان!

تا ستارا آپ ۾ مان
هيٺ حيرت مان تڪن
آءُ ويٺو ٿو لڪان!

ڪو پکي جاڳيو نہ آ
ڪابہ ڇُون ڇُون ڪانہ آ
ڪابہ مان مان ڪانہ آ
ڪابہ تون تون ڪانہ آ!

ڪيترو خاموش آ
زندگيءَ جو شور و شر آ
ڇو تہ ڪنهن درياهہ تي
آهہ جاري هي سفر،
ناو ۾ پنهنجي سير تي
ٿي وڃي اڳتي اڃان!
آءُ ويٺو ٿو لڪان.

آءُ ڪنڌيءَ تي پڇان،
هي تہ ڪنهن ڄاتو نہ آ،
هن سفر جو انت ڇا؟
هي بہ ڪنهن ڄاتو نہ آ.

Gul Hayat Institute

ڪالهه ڪنهن طوفان جي
هيءَ هئي گهيراوَ ۾
اَجُ ٻه آپري ڪا گهٽا
ٿي اچي جڻ ناوَ ۾!

پار تنهنجي ڏي پرين
ڪيستائين مان ڏسان؟
ڪيستائين هي سفر
سير تي جاري رکان؟
ڪيستائين مان اچان
هي سفر جاري رکان؟

Gul Hayat Institute

●

گيتُ سمنڊ سان ڇھندو ناھي
وقت انھيءَ جي اوڏو ناھي؛
گيت ھوا ۾ ڇوڏو ناھي
جنھن کي سيءُ سُڪائيندو آ،
گيت سدا خوشبو ڏيندو آ،
راڳي ڪو آدرش انھيءَ ۾
جي ٻوليءَ کي آڇيندو آ،
گيت اھو پيو وڌندو آھي،
گيت سمنڊ سان ڇھندو ناھي.

---

Gul Hayat Institute

●

موت جڏهن مهمان ٿئي ٿو
ڪوئي آنڪي ڪٿي ٿاري؟

پوءِ يون چنڊ هوا ۾ آهي
گهاٽ اڄان سنسان لڳي ٿو؛
ڪائي گونج فضا ۾ آهي
ڇا مندر ۾ گهنڊ وڄي ٿو؟
مون ته اڌورو گيت لکيو آ
دل ۾ سؤ جذبات اٿي ٿي
ڪيئي وايون ترسيل آهن
هڪڙي وائي وات اچي ٿي.
دروازي تي ڪَنَّ ڏيان ٿو
ڪائي ٺڪ ٺڪ ڪانه پڌان ٿو،
'ڪوبه ته ناهي، ڪوبه ته ناهي'
ڪنڌ جهڪائي آءٌ لکان ٿو.

منهنجي پرسان هي نقشي آ
۽ هي شوپنهار به آهي
۽ هي ٽالسٽاءِ به آهي،
۽ هُن جو سنسار به آهي،
۽ تن سان پيا ڪيئي آهن
جيڪي اڄ به زنده آهن
(نظم اڄان ناظم حڪمت جا
ترڪيءَ ۾ تابنده آهن)

Gul Hayat Institute

پر ڇرڪان ٿو ڪجھ ساري—
ڪوئي ان کي ڪئن ٽاري
موت جڏهن مهمان ٿئي ٿو
۽ جيڪو بدذوق به آهي؟

---

Gul Hayat Institute

●

چاڙهي ڀُوري ٽي، لاهيَءِ ۾
ريل وڃي ٽي اونداهيءِ ۾،
ڏُور ڪٿي فانوس ٻرن ٿا
شايد ڪا اسٽيشن آهي!
پر هيءَ منهنجي منزل ناهي،
ڏُور اڃان وڃڻو آ مون کي؛
ڏاڍو ڏُور اَتي لهڻو آ
هارَ جهلي مون لءِ سُگرن جا
پيارَ! جتي تون بيٺو هوندين
منهنجي واٽ تڪيندو هوندين.

---

Gul Hayat Institute

سج لهي سانجهي ٿيو، هي اونداها تَر!
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!
ڪِئن ڇُنجي ڪونجون ڪنديون کهڙيءَ ويرَ وڳَر!
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!
ڪيرُ ڇئي ڪنهن وقت هي، سونا ٿيندا سَر؟
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!
تون ته اڄان آيو نه آن، ها، پر ڪولي دَر
پاڻ وڃون ٿا وو ميان!

Gul Hayat Institute

ڀڪي پرهه جا ڇڙون ڇڙون ڪن ٿا
ٻاڪ ڦٽي آ، آءٌ لڪان ٿو؛

ڇا هي ڀوئون گيت ته ناهي؟
ڪڏهن هوا دروازا کولي
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مون کي ڪرسيءَ تي ڳولي،
مايوسيءَ سان موٽي ويندي،
منهنجيءَ ميز مٿان سڀ ڪاغذ
پکڙيل هوندا، آءٌ نه هوندس!
گيت اڌورا، آءٌ نه هوندس!
۽ پيو چاچا، آءٌ نه هوندس....

Gul Hayat Institute

شمعدان جئن
هر گھر آهي،
جدا جدا هر شمع ٻري ٿي
ڪائي ڪافي دير ڳري ٿي،
ڪائي جلد اُجهامي ٿي
پوريءَ ريت نہ ڪامي ٿي.

نينگريون جو ڇهڪن ٿيون،
شمعدان ۾ ڪيئي شمعون
ٻهڪن ٿيون؛
پر بہ اُجهامڻ ڇڻ تہ اَوَس آ!
هي جو ڪَس آ
اونداهيءَ جو
تنهن لاهيءَ جو
جنهن تي سڀڪو گھرڪي ويندو
اَن تي ڪنهن جو ڪهڙو وَس آ؟
(لاهِي تا بہ اَبد آهي يا
نيٺ اُنهيءَ جو ڪو ترُ ايندو؟)

ها، پر هيءَ حقيقت آهي
هرڪا شمع اُجهامي ويندي،
دير گھڻي يا ٿوري، ليڪن
ٻرندي انت وسامي ويندي.

Gul Hayat Institute

●

ڇورن وانگر
خـُوب خزانا
ڏينهن رات جا
تون مان ساري عمر ورهاياسين،
پوءِ بہ سارا سانگَ آجايا!

رُت آئي، رُت ويئي، پنهنجا
رنگَ رنگ جا ٻُوٽا آڻي؛
چنڊ لهي ويا، راتيون گذريون
روزُ سـُڳنڌن ـ جهـُوٽا آڻي:
تنهنجا وار اڇا ٿيندا ويا،
منهنجا وار بہ اڇا آهن
(ها پر تنهنجي سِر تي پياري
چڻ سونهي جا لڇا آهن!)

عمر، علي بابا جي سِمِ سِمِ
سڀ کان نيٺ وسرڻي آهي؛
ڪوبہ خزانو دائم ناهي،
وڃڻو آهي نيٺ تہ سڀ ڪي

ڇورن وانگر،
موت اڳيان شهزور نہ ڪو
شهزورن وانگر!
جيڪي جندڙيءَ ڪي چنبڙن ٿا

Gul Hayat Institute

ڇوڙن وانگر،
سي ٻہ تہ آخر وڇڙا آهن!
سي ٻہ تہ آخر وڇڙا آهن!

---

Gul Hayat Institute

ڳذري رات ٽري ويا ٽيڙو
واهيرن مان پڪيءَ پکيڙو
ٻاهر نڪري ٻوليون ڪن ٿا
آسَرَ وڙيلَ الوليون ڪن ٿا.

ڳايون جاڳيون ڳوالا جاڳيا
ڌرتيءَ جا رکوالا جاڳيا
پورب جو رَتوان وڏي تو
واڳون واري سنگهارن ڏي،
ڇنگ ڇڙن جي لاڙاڇي تي
ڊور وڃن ٿا وٺهارن ڏي.

هاڻي تنهن کي واري ڇڏ تون
بهتر آ تہ وساري ڇڏ تون،
منهنجو هر ڳڻ ۽ اؤگڻ، جو
ڌرتيءَ توسان واڳيو آهي!
جڳ سُتو مان جاڳيس، هاڻي
آءُ سُمهان جڳ جاڳيو آهي؛
مون کان پوءِ بہ دنيا هلندي
پوءِ بہ هي جڳ ساڳيو آهي—

منهنجي لاءِ تہ هي سڀڪجهہ آ
هيءَ وينا گهڙ-ياتي آهي،

ساري رات وڃائي جيڪا
سون جڳ ديتي ڳاتي آهي،
هاڻي جا سيرانديءَ پنهنجي
آءٌ رکي اڪ لاتي آهي؛

مون ڪي اُن جو اُلڪو آهي،
اُن تي ڪجهه به نه ميرو آهي
پوءِ به اُن ڪي صاف ڪريَ ڇڏ!
هاڻي مون ڪي معاف ڪري ڇڏ،
توتي ڪابه ميار نه آهي.

Gul Hayat Institute

رات پير ڪائي پُڪار
چڻ سڏيندي ٿي رهي!
آت! آٿي لڪ! آت آٿي لڪ! جي ٻہ آهين ڏينهن چار،
اوچتو مهمان ٿئي ٿو، موت تنبي کهڙي ميار!
ڪو نديءَ جو انت ناهي، ناوَ پڇٽي آهہ پار،
روز پوئين رات آهي، عمر پنهنجي اِيئن گهار!
رات پير ڪائي پڪار
چڻ سڏيندي ٿي رهي!

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

هي جيڪي ناسور ڏمن ٿا
تن کي ڪو ہر ڇٽائي ڏسندو
ڪوئي ڏرمان نيٺ تہ ايندو!

توڙي ياڻ نہ هونداسين پر
پنهنجي ياد تہ هوندي ان سان
اهڙو انسان نيٺ تہ ايندو!

نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

Gul Hayat Institute

سينٽ سينٽ ۾ پشڪن
ڇڻ وهي پئي نيوا!
ڪيتري رواني آ،
ڇڻ ته ڪنهن نديءَ وانگر
پنهنجي زندگاني آ!

برف سان ڪڏهن ڇانيل
آهه وهڪرو ان جو،
چنڊُ جيئن نيوا تي
رات ۾ ڊسمبر جي
ڪونه ڇُلڪندو آهي؛
اِئن ڪڏهن ته ٻوليءَ کي
ڪائي بي‌زباني آ،
برف تي رجي نيڪن،
پو ته ڇا رواني آ!

ٻول ٻول جون ڇوليون
چنڊ کي ڏئي لوليون
ڇڻ ته پيئون ريجهائِن!
سينٽ سينٽ ۾ پشڪن
ڇڻ وهي پئي نيوا!

---

پشڪن ـــ روس جو عظيم شاعر
نيوا ـــ نديءَ جو نالو، جا لينن‌گراڊ مان وهندي آهي، جتي پشڪن رهندو هو.

Gul Hayat Institute

سنگ مرمر صورتون
تي جڏهن پيدا ڪري،
ڪانءِ تي تن ۾ پري
جا سچي جذبات آ،
تن اندر جا تات آ
لونءِ ۾ تي جا لڇي،
چُپ" هوندي تي ڪُڇي،
چڙ ته هرڪنهن کان پڇي
ايترو انياءُ ڇو؟
ايترو آ وقت جو
ٿورڙو ڦهلاءُ ڇو؟
فن جي سڀ حاصلات
وقت تي آ منحصر؛
زندگي پر مختصر
تي کُٽي اک پوٽ ۾؛

هاءِ اي ليوناردو!
ڪير تو پيهر وري؟
سنگ مرمر صورتون
تي جڏهن پيدا ڪري،
ڪانءِ تي تن ۾ پري
جا سچي جذبات آ ــــ

---

ليوناردو ــ مغرب جو مشهور مصوّر ۽ صنم تراش.

Gul Hayat Institute

●

قرطبه ۾ ٽا لٽن،
لورڪا جي لاش ڪي—

تون نه ڇاڻين اي ادا
هيءُ منهنجو پاءُ آ!
شاعري جڻ ماءُ آ!
ٽـيج ٌ پيٽي آ اسان
جڻ ته ساڳيءَ ماءُ جي!
سارَ مون ڪي پاءُ جي
اڄ به هرهر ٿي اچي.

لورڪا جي لاش ڪي
قرطبه ۾ ٽا لٽن—

ڪنهن به فاشيءَ جيـي ڪـيٽي
آ جڏهن گولي لڳـيي،
آءٌ پانيو آ اِئين
جڻ ته منهنجي هانوَ ۾
آ تڏهن گولي لڳي؛

شاعري ٻولي نه آ،
شاعري انسان جي،
سچ ٌ لئه جذبات آ؛
شاعري سا تات آ
جا سدا بيچئن آ
ڪوڙ جي ڦهلاوَ تي؛

Gul Hayat Institute

ٿي جڏهن گولي سهي
ڇڻ تہ منهنجي هانوَ ۾
ڏَڪُ ان جو ٿو لڳي؛

وقت مون لئہ فاصلو
ڪونہ ٿو پيدا ڪري؛
ڇڻ تہ هو فاشي اچان
لورڪا جي لاش کي
قرطبہ ۾ ٿا لٽڻ.

---

اسپين جي فاشي آمريت آزادي پسند شاعر لورڪا کي قرطبہ ۾ مارائي، ان جي لاش کي لڪائي ڇڏيو هو.

Gul Hayat Institute

●

آءٌ وڪرم آهيان
آءٌ ڪاليداس* پڻ—

* ڇڻ تہ منھنجي اُروشي،
جنھن بنان هي زندگي
بي‌سبب، بي‌ڪار آ،
ڪا گھڙي مون وٽ رهي
دور آهي، ڏار آ!
ڪيترو دن رين مون
ياد آ هُن کي ڪيو!
ڪيترو هن کي چيو
آءٌ موتي آءٌ تون،
تي ڏکڻ جي واءُ تون!
ڪنھن بہ هن سنسارَ ۾
ايترو ڪنھن کي اچان
ناهہ آندو سارَ ۾،
ايترو، جو آءٌ ڇڻ
پاڻ آهيان اُروشي،
آءٌ جو وڪرم بہ هان
آءٌ ڪاليداس پڻ.

---

* ڪاليداس جي ناٽڪ وڪرم اُروشي ڏانھن اشارو آهي.

Gul Hayat Institute

* ڪاليداس آجين ۾
پوڄي پيو مورتي—
ڇڙندڙي پڙندڙي مورتي—
'هيءَ جا آهي اُروشي
'هيءَ جا آهه شڪنتلا
'وَلين جئن وچڙي وَيون
'جنهن جون ٻانهون رات جون،
'جنهن جون پياريون ڳالهڙيون
'ويلو جئن برسات جون،
'پوءِ به هيءَ رهڻي نه آ—
'جي ڪَهه ۾ ڪَهڻي نه آ
'جنهن ۾ سڀ ڍُڪ ٿا ڪَهن
'(آخر ماڻهو ڪئن رهن؟)
'اُن مان ناهيان مورتي
'هاڻو ڪائي اُروشي
'هاڻو ڪا نه شڪنتلا.'

---

* ڪاليداس جو مندر آجين ۾ آهي

Gul Hayat Institute

●

ياد اچي ٿي ڪا تصوير
(ازراپائونڊ وينيس ۾)

هي جو مشت هڏن جي آهي،
ڏيئي ٽيڪ ڇتيءَ تي پنهنجي
هي جو پُل تي ويٺو آهي،
ڇاتو سوچي؟ ڇاتو چاهي؟
مسولنيءَ جو لاش هوا ۾،
اڃان ڀيو ڇا لڙڪي هُن لئه؟
اڄ به فاشي بوٽ اچن ٿا
ڇا ڌرتي ٿي ڏڙڪي هن لئه؟

مٿي آهن
سيئي ماڻهوءَ جا منصوبا؛
هاڻ ڪٿي هو فاشي آهن؟
وحشي ڪتا،
ڪالهه آطاليه ۾ گذري جي
هرڪنهن کي هيسائيندا ها،
ڏيهه سڄو ڏهڪائيندا ها؟

هو جو شاعر ياءَ به آهي
بوءِ به منهنجو ويري آهي
ٻي ڪنهن ڏک جو ڀيري آهي
هُن کي ڪهڙن تاريخ ڏنڀي وئي؟

Gul Hayat Institute

ڇرڪايو هن جي تقدير
ياد اچي ٿي ڪا تصوير
’ازراپائونڊ وينس ۾‘

---

نوٽ: ازراپائونڊ جو مغربي شاعريءَ ۾ اهو درجو آهي، جو مصوريءَ ۾ پڪاسو جو آهي؛ پر هو فاشسٽ هو ۽ ٻيءَ جنگ عظيم جي هلندي، روم جي ريڊيو تان مسولنيءَ لاءِ تقريرون ڪندو هو. ۱۹۴۵ع ۾ آمريڪي حڪومت هن کي گرفتار ڪري، ديوانگيءَ جي الزام هيٺ قيد ۾ رکيو ۽ غالباً ۱۹۶۰ع کان ڪجھ سال اڳي ڇڏي ڏنو هو، ۽ هو وري اٽليءَ ۾ اچي رهيو هو.

وينس (Venice) ــ اٽليءَ جو هڪ شهر

●

* 'فيض'، 'حڪمت' ۽ 'نرودا'*
پيا ڪيئي يار آهن
جي ويا ٻي پار آهن؟
ننڊ جي آغوش ۾ آرام ڪن ٿا،
نيڻ خالي جام ڪن ٿا
زندگيءَ جو؛
ذڪر تن جي شاعريءَ جو
ٿي جڏهن محفل ڪري،
زندگاني ٿي ٻري
ڄڻ ازل جي آڳ سان،
جو انهن کان پو به آهي
جيئرو، تنهن راڳ سان.

مان به ٿي وانگر ڪڏهن
موت جي آغوش ۾ ويندس جڏهن،
ڇا تڏهن
فيض، حڪمت ۽ نرودا
يار منهنجا
چوطرف ڪنهن چانڊنيءَ ۾

* فيض — فيض احمد فيض،
حڪمت — ناظم حڪمت- ترڪيءَ جو انقلابي شاعر
نرودا — پيبلو نرودا- چليءَ جو انقلابي شاعر

Gul Hayat Institute

روشنيءَ ئي روشنيءَ ۾

اوچتو ويندا مِلي مون سان ڪٿي؟

ياڪرين پوندا ڪِلي مون سان ڪٿي؟

يا انڌيرو انت آ؟

ڇا انڌيرو انت آهي!

Gul Hayat Institute

●

پاڇاوَن ۾ي روشنيون ڇڻ
سڀ ولين جئن ڇاڙهيون آهن،
ناظم حڪمت جي نظمن جئن
ديوارون سڀ ڳاڙهيون آهن.

* مارمرا تي ڪيئي ڪشتيون
پريان ڇڻ پرمارن وانگر،
استنبول جا سارا رستا
ڪنهن ماريءَ جي چارن وانگر،
سڄ نڪتو آ، مان سوچان ٿو
’ڇا ٻيءِ ڏر ڪي ٿيڻي آهي؟
ناظم حڪمت جي نظمن تان
نيٺ ته بندش لهڻي آهي!‘

---

* مارمرا ـــ سمنڊ جو نالو، جو استنبول سان لڳو وهي ٿو.

Gul Hayat Institute

●

هي سنجها جي جوت هيئين ۾
ڪيڏي هُرڪُر آڻي ٿي!
جڻ هي جندڙي ڇاڻي ٿي،
’ڌرتي نيٺ وسامي ويندي،
’هن دنيا ۾ هيءَ حياتي
’منهنجي لاءِ مدامي ويندي‘

* هو قونيہ ۾ رقص ڪرن ٿا
* رُومي ابدي ننڊ ڪري ٿو؛
* هَنيبال جئن اَيري ڪوئي
هن ڌرتيءَ تي پير ڌري ٿو
پو بہ مري ٿو.
ڪوبہ نہ ڇائي اڳتي ڇاهي!
ها، پر هي بہ حقيقت آهي
تُرڪيءَ ۾ طوفان گهُلن ٿا،
پوءِ بہ هُو درويش جهُلن ٿا!
رومي اڄ بہ جئن زنده آهي،
صديون گذريون پوءِ بہ اڄ بہ
سچّ جيان تابنده آهي.

---

* قونيہ ـ تُرڪيءَ جو هڪ شهر
* روميءَ جي مزار قونيہ ۾ آهي
* بربريت جو مظهر جنهن روم کي ميٽايو هو ۽ جو ڦونيہ ۾ پوريل آهي.

جي نہ هيلن آ نہ هومر آهہ ڀو يونان ڇا؟
زندگيءَ ۾ شاعري ناهي تہ پو انسان ڇا!
حسن تي ايمان جي ڪونهي تہ پو ايمان ڇا!
ڪنهن نہ چاتو آ تہ آهي عشق جو ارمان ڇا!
ڪنهن نہ چاتو آ تہ آخر درد جو درمان ڇا!
ٻِڪ هڪڙي ٻُڪَ ناهي، تون گهرين ٿو نان ڇا؟

---

Gul Hayat Institute

●

شوپنهار ڇيو آ، ’دنيا
ساري ڪاوش من جي آهي.‘
روح ازل کان خواب لهن ٿا
ڌرتيءَ تي مهتاب لهن ٿا
۽ پنهنجي چاندوڪي ڏيئي،
آسمان ۾ دور وڃن ٿا؛
هي ماڻهو جي گيت ڏين ٿا،
پٿر ڪاٺي مورتين کي
پنهنجي جڳ تي جيت ڏين ٿا،
يا ترن وٽ ڪي سپنا آهن
جي ڪاٺي تصوير ٿين ٿا،
ماڻهو جي ابناسي آهن،
هن ڌرتيءَ جا باسي ناهن،
هُو اهڙا شهباز ٿين ٿا
جن لئه موت به جهرڪي آهي—

Gul Hayat Institute

شوپنهار ڇيو آ ’دنيا
ساري ڪاوش من جي آهي.‘

———

شوپنهار — هڪ مغربي فلسفي

## لاطيني آمريڪا جي هڪ انقلابي پادريءَ جو گيت

نيٺ ايندين، نيٺ ايندين!
تون اگر منهنجو يسوع-
جو ڪيو آ مون شروع
توڙ تائين ساٿ نيندين!
امن جو پيغام منهنجو
جيستائين عام ٿئي،
آفتاب آيري اچي،
۽ تيرگي ڪوئي خيال خام ٿئي،
تيستائين مان نه رهندس،
دور ڪهندس
آسمانن،
ڪهڪشائن
کان پري؛
پر اِها تشويش رهندي
هيٺ ڌرتي تي ٻري؛
هيٺ باهيون ٻريون آهن،
۽ جلايل چمڙا آهن،
يا بکايل پيٽ آهن.
يا ڪرا ۽ ڪيٽ آهن
چار ماڻهو جي ڪٺن ٿا،
رزق تي ڌاڙا هڻن ٿا؛

Gul Hayat Institute

تون اگر منهنجو يسوع
روشنيءَ کي ساٿ نيندين،
سج وانگر ٿي طلوع
آدمي آغوش ۾ سارا ڪري،
جنگ کان تن کي جهلينديـن،
امن جو پيغام ڏيندين،
ٻُڪَڙ لاهي، ڏُکڙ لاهي،
سُکڙ هرڪنهن لاءِ چاهي،
تون وري مصلوب ٿيندين
۽ مري محبوب ٿيندين.

Gul Hayat Institute

●

دارا سان تہ نڀائي سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

دارا کو دم ايندو آهي
پيڊُ آنهيءَ جو پائي، سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

ٻيو تہ پيلي گهنگهورگهٽا جئن
هن کان چنڊ لڪائي، سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

ورچُ جيان تلوار کنوي ٿي،
ڇا اِج ڪنڌ جهُڪائي، سرمد
ٻئي سان ڪيئن نڀائي!

Gul Hayat Institute

●

نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

جيڪو ڪيئي قول قلارَ ي
ڌرتيءَ تي هيڪارون ٽيندو،
اهڙو باران نيٺ تہ ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

رنگ و بوءِ يلغار ڪندا ڇڻ،
صحنِ چمن ۾ رقصان رقصان
مجمعِ ياران نيٺ تہ ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

ڪنهن ڇهري تي ياس نہ هوندي
هيئن نہ ويندي عمر اجائي
اهڙو امڪان نيٺ تہ ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

هي جيڪي ناسور تمن تا
تن کي ڪو تہ ڇتائي ڏسندو
ڪوئي دَرمان نيٺ تہ ايندو!
فصلِ بهاران نيٺ تہ ايندو!

Gul Hayat Institute

توڙي پاڙ نہ هونداسين، پر
پنهنجي ياد تہ هوندي ان سان
اهڙو انسان نيٺ تہ ايندو!
فصل، بهاران نيٺ تہ ايندو!
نيٺ تہ ايندو
نيٺ تہ ايندو
فصل، بهاران نيٺ تہ ايندو!

Gul Hayat Institute



ڪيترو ڳوٺ نه پاڻ ۾!
ڪوٽ مٿاهان ڪنگرا
جهوري وٺي جهان ۾!

Gul Hayat Institute

ساڳي يا ٻي ڪا؟
ڪاري ڪنهين ڪالڪا
اڄ ٻيٺي ڪا!
........
پنڌ به ڏاڍو ڏورُ
۽ هي ماڪيءَ جو مکيون
۽ هي انبن ٻورُ!
........
ڪجهيءَ مٿان چنڊ،
آن جي مٿان نيرڙو
ڪيڏو اونهو منڊ!
........
بس، ڪا دير فضا ۾،
پٿر لڳي تو پويون
ڦڪڙو چنڊ هوا ۾!
........
ڪهڙو رهبر تون؟
ساحل تي تو روڪيون
ڇولين جون واڳون!
........
گهٽي دير اڃان؟
ڇٽنگ اڃان پر گهٽ نه ٿي
سڪل گاهه منجهان!
........

Gul Hayat Institute

تون ڇاڙين ٿو؟ مان
ڳچيءَ ڏاڍين رتن سان
پريل پيالي جان!

........

هُن سان ڇاتيءَ لاءِ —
آءٌ، سُهاڳڻ ننڍڙي
مون کي پيرُ پساءِ!

........

تو بن، نيڻن تي،
ڳوڙها منهنجا شمع جان
منهنجن پيرن تي.

........

متان سيءَ وسن،
ليڪ نه لوڏيءَ هيروان
ڪهڙي پرجهه پتن!

........

هر ڪي ڪيچ ڪٽن،
او شل ڪونجن وانگيان
ورو ڏيهه وڃن!

........

اُجهو وهاڻي
رات وڃي ڏي ريل جئن —
هيمون ڪلاڻي.

........

ساڳو سائو وڻُ!
ساعت اڪ نه نڪري
منهنجي تو مان ڇڻ!

........

Gul Hayat Institute

ناري! پَلوِ پڙو-
سُوريہ، اِندُرَ، اگني ۽
سيني سان جهيڙو!
........
پنهنجي پيارَ جيان
پوپٽڙو، رَتُ- پنکيو
تنهنجي سارَ جيان!
........
اڄان تنهنجو نانءُ
اڄ بہ آئين ٿو وٺي
اڳ مٿان ڪانءُ؟
........
ڪنهن جي لڄ آئا،
ٻانهن، چوڙا رَتڙا
وري ٿو پاتا؟
........
ڏاڏي! ڪائي ڏانَ!
سڄُ وَڃي ڪنهن دَفن
ساڙي ماڳَ مڪان!
........
جدائيءَ جو ڪرٽُ-
پکي ڏِسي پاندڙا
آرهي، ڪتي آرٽ!
........
ڪينرُ گهٽ نہ پانءِ!
ڪوٽ مٿاهان ڪنگرا
جهوري وئي جهانءِ!
........

Gul Hayat Institute

ٿا ڪيڏانهن وڃن؟
جن لئہ ڏيئي ڏُڪرا
راتيون ريهان ڪَن؟
.......
گذري ويا ڇا ڇا
سَجاول جي پُل ؔ تان
پاڻيءَ ۾ پاڇا؟
........
گهرا سارا ڳوٺ ـ
ڏونگرَ ڏياٽيون ٻريون
ڪارونجهر جي ڪوٽَ.
........
تو نہ نباهيو نينهُن
* تلسي اڄ پرديس ۾
ڪنچن برسي مينهُن.
........
اڄان نہ آيو ڍولُ!
اڄ ٻہ اجايو ٿو وڃي
مانڻڪُ جنم املو!
........
ورڪا واريءَ تي ـ
تو جو ٻولَ ٻڌون ڪيا
پيارا واريءَ تي.
........

* تلسي تيهان نہ جائيي ڪنچن برسي مينهن
(تلسي داس)

آجُ بہ ڇمڪن ٿا
ڪيڏي ساوَڻ مينهن ۾
گَجَ گهگهيرين جا!

........

تنهنجي ياڪر ۾-
سِڙهُ سڻائي وائُ ۾
چڻ ڪو ڪينجهر ۾!

........

جهروڪا جيءَ جا،
نوري! تو لئہ ٿا تڪين
تَڙَ تماچيءَ جا.

........

ڇَو تون ايندينءَ ڪيئن؟
سوڙهو مُڪتيءَ دوار آ
راڌيءَ داٽي جيئن!

........

آهي ڏي وايون!
پوُنگا، پِتُون، سجَ جون
پويون پرڇايون.

........

آهي ڏي وايون؟
دانهون، ڪوڪون ديس جون
اچان آجايون!

........

اچان ڏيهہ ڏڏچن!
ڪتيون ڪُهريون، سيءَ ۾
ويڙها ويڙهيچن!

........

Gul Hayat Institute

مار ڪِ ڌوڙ آوير َ
جهُرن پيون پنبڻيون
پُرن پيا پهير َ!
........
ساٿي، او ساٿي!
سَچ ساجاڻ ڳالهڙي
متان ڪرين ٻي!
........
'هي ٻه ٽه پنهنجي ڏُر'
ڪانگ ـ تڙي ڪي مينهن ۾
باغائيءَ پاڪُر.
........
ڪيڏي مات اڳي؟
* تنهنجي هَٿ جي ويڃهڙو
چرخي چِت سُ لڳي!
........
* * چندن پرسان رَهُه
جنئن تون چندن تي وڃين
ڪَهي، تون هن ڏي ڪَهه!
........

Gul Hayat Institute

* اوٿي داه دے چرکڑا میرا تے
جتھے تیرے هل وگدے
(بلھے شاہ)
* * ڪبير جي دوهي تان ورتل

وڪڙ وڏي آ وَٽَڙ-
ڪٿي مان ڪجهه ڪين ٿي
موڙِ ڪُ ڪيٿي ڪَٿ!
........
اجايو نہ ٻولِ!
هيءَ جا مُک جي ڳوڙي
پارڪ اڳيان ڪول!

---

Gul Hayat Institute



ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
سنڌ کي سون آچيو ايڏو سڪار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪي صديون وهندو اِهوئي آبشار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪو آچايو ڪونہ رهندو، ڪوبہ يار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو
ڪونہ پوندو.

Gul Hayat Institute

●

وڻجارا ! واپارَ ؟
ڇڏ تہ ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

مون مَنُ ماروءَ ڏارَ !
ڇڏ تہ ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

ڏَنُ نہ گهرجي يارَ،
ڇڏ تہ ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

هي تنهنجا ويچارَ !
ڇڏ تہ ويڙهي ۾ وڃان
ڏؤنرا ڇنان ڏارَ !

Gul Hayat Institute

●

ماں ۽ تنهنجي سارَ،
رَتَل ڏانهن رُسي وئين
ڇا لئہ منهنجا يار؟

ماں ۽ تنهنجي سار،
سَڳو وچ سُرندڙي
وَڃي ويروتار!

ماں ۽ تنهنجي سارَ،
رڻ تي راتاها، مٿان
واريءَ جا وسڪارَ!

ماں ۽ تنهنجي سارَ،
آڄ سُڌ بہ تنهنجي آسري
سارُو ڍِنگرن ڊارَ.

ماں ۽ تنهنجي سار،
ايندي ڇا آڪاس مان
هماليہ هُونگار؟

ماں ۽ تنهنجي سار،
پَرندي ڪڏهن اوچتو
جبل جي جهونگار؟

Gul Hayat Institute

●

چنڊُ پيو ناري ۾ وهنجي
پرڻي رات ڪُنوار جيان؛
باک ڦُٽي آ، ڏينهن اچي ٿو
ڳاڙهي گهوڙي سُوار جيان.

رستي تي هوءَ ڇو ڇرڪي ٿي؟
هيءَ ته ساڳيو ڳيرو آهي!
ٻيهڪي ٻهڙي ڪي ناهي ٿي.

---

* نارو- سنڌ ۾ هڪ واهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

●

منهنجي عمر ابابيلن جئن
ڪيڏي تيز اُڏاري ڪاڍِي
گذري ويئي!
ڪيڏي تِکَن نديءَ ڪي آهي!
ڪيڏو دور ڪنارا تي ويا
جن تي ڪالهه اُها ڇِلڪِي هئي؟
ڪيڏو دور ستارا تي ويا
جِن سان رات اسان ڪاٽي هُئي؟
چنڊ تہ آڄ بہ ڪالهہ جيان آ
اڄ بہ ڇڄهريءَ تي ڪلهہ جهڙي
هو چانڊوڪي ڦهلائي ٿو،
اڳ جئن چِيتّ نہ پر ڇائي ٿو!
دنيا؟ سا بہ تہ ساڳي آهي
پر ڇا آءٌ اهوئي آهيان؟
جوئي آهيان سوئي آهيان؟
يا مان اڄ ٻيو ڪوئي آهيان؟

Gul Hayat Institute

هيءَ شيءِ جا روپوش ٿي

اُڀري ٿــي جذبات ۾
لـرزي ٿــي تلوارَ ۾،
تارن جي اڪ ڇنيپ جڻن
آ ســاري سنسارَ ۾،
بـاک ڦٽيءَ رابيل جهي
تـڙيل آهــي تـارَ ۾،
هيءَ جا منهنجي گيت جهي
آهـي هر سُر تـارَ ۾—

هـيءَ ئي آهــي زندگي
هـيءَ ئي آهـي زندگي!

—

Gul Hayat Institute

●

اڄڪلهه ڪيڏا گيت اچن ٿا
ڪونجن جيئن قطارون ٻڌجي؛
پوئين پهر اچي آ ڳرَ ۾
سهڙيا آهن سارون ٻڌجي؛
ڪيڏو وقت وڃايو آ مون
آيا چڙ ته ميارون ٻڌجي!
ڇو مون ساري عمر نه ڪاٽي
للڪارون للڪارون ٻڌجي؟
ڪهڙو آدر پاءَ ڪيان مان
تن جي لاءِ نهارون ٻڌجي؟
موت اڃان ڪا مهلت ڏيندين؟
مون کي ٿورو وقت ڇڏيندين؟

Gul Hayat Institute

هو چون ٿا
تون اسان جي سوچ آهين
تون اسان جي لوچ آهين
انت کان جيڪا وچي ٿي آد ناڻين.

مان چوان ٿو
پيا ٻه ساڳي سوچ آهن
پيا ٻه اهڙي لوچ آهن
مان اوهان جا گيت آهيان
زندگيءَ جي جيت آهيان
سوچ ٿورو وقت رهندي
لوچ ٿورو وقت رهندي
آءٌ پانيان گيت هي رهندا سدائين.

Gul Hayat Institute

●

مَٽَڪا سوکي کول سارا
اَڄُ اڄ ڏاڍي لڳي آ
ڏِسُ تہ ٽڪجي پيا متارا
اَڄُ اڄ ڏاڍي لڳي آ
چنڊ جي ڪِشتي وڃي ٽِڪي
دور پَر آهن ڪنارا،
اَڄُ اڄ ڏاڍي لڳي آ
جھ تہ ڌرتيءَ تي اچن ٿا
آسمانن مان اشارا،
اَڄُ اڄ ڏاڍي لڳي آ
هيءَ پوئين پياس آهي
چنڊ، اچا پيئان خدارا
مَٽَڪا سوکي کول سارا
اَڄُ اڄ ڏاڍي لڳي آ
اَڄُ اڄ ڏاڍي لڳي آ

Gul Hayat Institute

---

●

ڪونہ پڇندس
ڪونہ پڇندس.
تاڏجي تنهنجون رڳون ويندئون رباب جئن جڏهن
آءٌ وڃندس
آءٌ وڃندس.
باک توتي ڇانئبي ڳاڙهن شرابن جئن جڏهن
آءٌ رچندس
آءٌ رچندس.
زندگي هوندي هزارن آفتابن جئن جڏهن
آءٌ تنهنجي
سات ڪچندس!
ڪونہ پڇندس
ڪونہ پڇندس
آءٌ تنهنجي سات هوندس!
آءٌ تنهنجي سات هوندس!

Gul Hayat Institute

●

آءٌ نہ تو ورجائڻ چاهيان
جي تو مون کي ويڻ ڏنا هاــ
جيئڻ مُهر ڇپن تي منهنجي
لاتي آهي،
هيءَ جا منهنجي ڇاتي آهي
تنهن ۾ ڪنهن بہ نہ پنهنجي جهاتي
پاتي آهي!
اڄ ؔ بہ مون وٽ رات اڳي جئن
متواري، مدماتي آهي،
ساڳِي سُر ۾ اڄ ؔ بہ اڳ جئن
ڳاڙِي مون پرڀاتي آهي،
اڄ ؔ بہ اُن ۾ ڦيرو ناهي
مون جا ڳالهہ بہ ڳاتي آهي،
ڪوبہ نہ ڇوندو ڪابہ شڪايت
ان ۾ منهنجي ذاتي آهي.

Gul Hayat Institute

تنهنجِي آءٌ شڪايت ڪائي
ڪنهن سان ڪانہ ڪئي آ پيارا!
رات وڃي ٿي، پويان تارا
نيري اُڀ ۾ رم جهم ڪن ٿا
باک اچڻ جي ساک ڏين ٿا،
آءٌ اجان پيئان ٿو ساٽي!
جنهن وِهُ تي جيئان ٿو ساٽي،

ويھ، اگر سا پيئڻ چاھين
مون سان جُڳُ جُڳُ جيئڻ چاھين!

آءٌ نہ تو ورجائڻ چاھيان
جي تو مون کي ويڻ ڏنا ھا. —

Gul Hayat Institute

●

تنھنجو تبسّم جنھن جي فقط آ
ڇاڻ آئيني ڪي
ڪائي شرارت ڪائي حرارت
اُن ۾ ته آهي!
ڏو جيءُ چاهي
تنھنجو سدائين
اُن ڪي لڪائين،
جنھن وقت منھنجي ويجھو اچين ٿي
معصوم ڪيڏو مون ڪي لڳين ٿي،
پر شرم هوندي
تون گرم آهين؟
ٻاهر ته ايڏو
تون نرم آهين
ڇڻ آنھ ريشم آغوش ۾ تون؛
پر هيءُ ويندي توکي ڏسي مون
ڇالاءِ سوچيو
'تون جو ملين ٿي
'مون ڪي ڏسڻ سان
'اندر کلين ٿي.'

---

Gul Hayat Institute

●

توُن امرتا آنهه منهنجي
آءٌ تو ۾ جيئندس،
توُن اِتي جڳ ۾ ڪٿي آن
تو ٻڌان پڙلاءُ تنهنجو،
(واهُ ۾ ڪوئي پکي چڻ
ڇپُّ تان اڏري رهيو آ،
ڪيرڙر ۾ جي رهيو آ،
آءٌ چشمو آهيان، جنهن مان اُهو
ڪجهه پي رهيو آ)
آءٌ تنهنجي سگهه آهيان،
آءٌ تنهنجو ساهه آهيان،
اوچتو پرواز تنهنجو
ڪيرڙر تي چانئمو،
پر اُهو پرواز هوندو
چڻ تہ منهنجو، آءٌ جيڪو
اُڏرندس تنهنجي پرن ۾،
توُن اچي ويو آنهه ساٿي
آءٌ تو ۾ جيئندس.

Gul Hayat Institute

●

آڄ بہ ڪيئي ناريون منھنجي
راهہ تڪينديون هونديون،
پنھنجيءَ پنھنجيءَ ڇَر ۾ ڇَرڪي
دَرَ کولينديون هونديون،
'مست پَوَن جھڙ ايندو آهي'،
هو سوچينديون هونديون،
آءٌ انھن کان دور رهيو هان
ڪنھن نشي ۾ چور رهيو هان،
ساري رات پيالو پنھنجو
مون کي چنڊ پري آڇي ٿو،
ماڪ ڦڙيءَ جو ڀِڻ ڀِڻ پنڇي
ڳائي منھنجو سُواگت ڪن ٿا،
مون کي ڪيئي گيت ڏين ٿا،
گيت آهي جي مون کان پو ٻيي
هن ڌرتيءَ تي رهندا آهن،
هن ڌرتيءَ کان دور سفر تي
گڏجي ڏور اُسهندا ناهن؛
گيت هِتي ئي رهندا آهن
منھنجي جيت اِنھن ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
سنڌ کي سون آڇيو ايڏو سڪار
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪي صديون وهندو اهوئي آبشار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو.
ڪو اچايو ڪونہ رهندو ڪوبہ يار،
ڏات جو ڪوئي ڏڪار
ڪونہ پوندو
ڪونہ پوندو.

---

Gul Hayat Institute

●

سال ملهي ٿيا، پر اڄ تائين
تنهنجي صورت ساڳي آهي،
وقتَ تروتازه چهري کي
ڄڻ ته ڪنوارپ بخشي آهي.

مون وٽ ڪيئن ڪنول جئن آئين؟
ڪيئي ڀونر پنهوليا ها تو!
برکا رُت تي مون تي ڇانئينءَ،
ڪيئي رڻ ۾ روليا ها تو!

منهنجي من ۾ ڏيئا ڏيئا
ڪيڏا سپنا تو ٻاريا ها!
ڀِتَ پٿر پنهنجي تن ۾
ڪولهي مون کي ڏيکاريا ها!

ڪيئي سال ٿيا، مون توکي
اڄ ڏٺو آهي رستي تي؛
تون ته اڳي جئن آهين پياري
ديدَ پيئي ڄڻ گلدستي تي؛

مُور نه جو مُرجهايو آهي
جنهن ۾ روز گلاب ٽڙن ٿا؛
سان ڀانيان ٿو مون کان پو پي
ڀونرا توتي روز مڙن ٿا.

Gul Hayat Institute

•

روءِ تنهنجي جو گلاب
آهه ساڳيوئي اڃان.
جسم تنهنجو آهه ساڳيو جيئن نديءَ تي ماهتاب.
بوءِ ساڳي آ پسيني ۾، ڇڪي ٿو جيئن شراب.
مان پڌان ٿو، جي وڄي ٿو روح تنهنجي جو رباب.
روز هم آغوش آهين پو بہ آهين جيئن تہ خواب!
روءِ تنهنجي جو گلاب
آهه ساڳيوئي اڃان.

---

Gul Hayat Institute

●

واهوندا وَرندا
اينڌا مَٽ ملير جا!
ڪيسين منهنجا ڏينهڙا سرديءَ ۾ سَرندا؟
ڏيهي منهنجي ڏيهه جا ڪيسين هِئن ڏَرندا!
ڦوڳَ ڪڏهن ڦَرنِدا آلا، ڦوڳَ ڪڏهن ڦَرندا؟

---

Gul Hayat Institute

●

جن جون لويون لالُ
جهانگي منهنجا جهنگ ۾،
لاهي نڪتا لوءِ ۾ جياپڙي جنجالُ.
ڳولي باڪَ بسنت جي جن جي لاءِ گُلالُ.
او شل! اچن اوچتو پلائي ڪو پالُ؟

---

Gul Hayat Institute

●

ايڏا ڏکڙ نہ ڏي
تو وٽ ڪو پٽلُ آهيان.
هڪ ويءَ پيو تـو اچـي، پيو لوڪُ لڏي،
پوئينءَ وِيرَ بہ آهہ تنهن ساڳي هوڏَ هڏي!
آءٌ وڃان تـــو ديسڙا، تـو وٽ ڳيت ڇڏي.

Gul Hayat Institute

●

تون جي مون ڪي ڪونہ مڃيندين
مون ڪي ڪا پرواهہ نہ آهي،
آءٌ سپاڻي لاءِ لکان ٿو
جيڪو نيٺ تہ اڄڻو آهي،
مون تي ميڙو مچڻو آهي.

مينهن جڏهن ماندياڻ ڪندا، مان
ساري واريا سپي تي وسندس،
ڪارونجهر جي ڪورَ مٿان مان
سانوڻ جي ڪرن سان کِسندس.

(مان جو تنهنجو راڳي آهيان
تنهنجو ٿيي وڏ ڀاڳي آهيان)

چڙهي ماڻهوءَ جو ڳوڙهو ڳوڙهو
منهنجين واڻين مان برسي ٿو،
ويڙهو ويڙهو لوڙهو لوڙهو
منهنجن گيتن سان گونجي ٿو.

منهنجا گيت گلابن وانگر،
جيڪي چوٽين منجهہ لڳائي
تڙ تان ناريون ايندڙيون آهن
پنهنجن پيارن لاءِ سجائي-
نيٺ تہ تنهنجو مَنُ پائيندا،

Gul Hayat Institute

چانڊوڪين راتين ۾ مارُو
مون کي ڏَرِڏَر ۾ ڳائيندا،
بسنت رُت ۾ منهنجون وايون
گليءَ گليءَ ۾ ڦهلائيندا.

ورچ* وراڪا جيئن ڪاٺي تي
اڄ مان تنهنجا ٿڪ ٿا آهيان،
رُت ۾ جئن رابيل ٽڙن ٿا
ٽئن ڌرتيءَ جي مهڪ به آهيان؛

هيءَ ڌرتي نيٺ ته مهڪي
ٿيندي ڪو گُلزار سياڻي
آءٌ لکان ٿو
جنهن لاءِ هاڻي.

———

Gul Hayat Institute

# پڌنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٩ | ٧ | گـرنڍ | گيرَنڍ |
| ٢٢ | ٥ | هـن | هَن |
| ٣٢ | ٨ ۽ ٩ | آنءَ | آڻءَ |
| ٣٥ | ١٣ | روايءَ | راويءَ |
| ٣٨ | ١٧ | يا | چا |
| ٤٠ | ١ ۽ ٢ | تو | تون |
| ٦٣ | ١١ | پـسون | پَسون |
| ٦٤ | ١٠ | ٻـرڙيءَ | ٻـرڙي |
| ٨٣ | ١٦ | هيڪڙي | هڪڙي |
| ٨٤ | ١٢ | پـريا | پڙيا |
| ٩١ | ٣ | هان | ها |
| ٩١ | ٦ | جي | جيءَ |
| ٩٥ | ١٢ | آ | ! |
| ١٠٦ | ٤ | آسٽر | آسٽر |
| ١١٥ | ٣ ۽ ١٧ | آروشي | آروَشي |
| ١١٦ | ٤ ۽ ١٥ | آروشي | آروَشي |
| ١١٧ | ٤ | ڏيٺي | ڏيٺيءِ |
| ١٢٥ | ١٣ | ڪهڪشائن | ڪهڪشائنَ |
| ١٤٢ | ٢ | رَتل | رَسيءَ |

Gul Hayat Institute

شيخ اياز

ٻڙ جي ڇانوَ اڳين ڪان گهاٽي (شاعري)

نيو فيلڊس (107)

## شيخ اياز جا نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيل ڪتاب

١- چنڊ چنبيليءَ ول
٢- رڻ تي رم جهم
٣- ساهيوال جيل جي ڊائري
٤- ڪپر ٿو ڪن ڪري
٥- ڀڳت سنگهه کي ڦاسي
٦- ڪي جو ٻيجل ٻوليو
٧- خط، انٽرويو ۽ تقريرون
٨- لڙيو سج لڪن ۾
٩- راج گهاٽ تي چنڊ
١٠- ٻڙ جي ڇانوَ اڳين ڪان گهاٽي

Gul Hayat Institute